

# عورت ۽ قومي آزادي جا انقلاب

آزاد قاضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب

آزاد قاضي

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

1991ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[حق ۽ واسطا قائم]

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ
ڇاپيندڙ: امير خان پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد.
تعداد : هڪ هزار
ڇاپو : پهريون

قيمت 32/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر آن
سنڌي عورت
جي
نالي
جنهن جي دل ۾
پنهنجي ديس لاءِ ڳورو ۽ درد سمايل آهي.

آءٌ نہ ڳنڍي پرينءَ کي، ڏون ڏو لهين سڄ،
آءٌ جي ڏيان سنيهڙا، نيٺي پريان ڏج،
وڃي ڪيچ چئج، تہ ويچاري وات مٺي.
[ شاهہ ]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهه مـــڙوئي ڪوهه، اٺ سـوهين اوکو گهٽــو،
سڪ وندن کـــي سيد چئي، ڪوهه بہ هڪڙو ڪوهه،
تن کي ڪوهه ڪندو ڪوهه، جن جو پيوند چام پنهون سين.
[ شاهہ ]

”جيڪڏهن پنهنجن اصولن ۽ عقيدن تي ايمان
دلي طور پختو ۽ مستقل آهي تہ جسماني ايذاءَ
سهپ جو ڳا تي وڃن ٿا“.
ويتنامي هيرو ’ڊونگ‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| ـــ ٻُورا | 7 |
| ـــ مقدمو | 13 |

[عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب]

| | |
|---|---|
| ١ـــ الجزائر جي عورت | 52 |
| ٢ـــ انگولا جي عورت | 63 |
| ٣ـــ بنگلاديش جي عورت | 75 |
| ٤ـــ چين جي عورت | 91 |
| ٥ـــ زمبابوي جي عورت | 103 |
| ٦ـــ فلسطين جي عورت | 115 |
| ٧ـــ ڪوريا جي عورت | 133 |
| ٨ـــ گني بساؤ جي عورت | 147 |
| ٩ـــ ويٽنام جي عورت | 163 |
| ببليو گرافي | 190 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽورا

ادبي دنيا جي روايت کي برقرار رکندي، آءٌ پڻ اهو پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته انهن دوستن احبابن جا، ڳڻ ڳايان، جن مون سان هن قلمي ڪاوش جي ڪشالن ڪڍڻ ۾ سهڪار ڪيو. ساڳي وقت انهن مصنفن جا پڻ ٿورا مڃيان، جن جي ڪتابن ۽ مضمونن تان مون کي هن مواد تيار ڪرڻ ۾ مدد ملي.

ڪتاب تيار ڪرڻ لاءِ وقت به وقت مشورا ڏيندڙ ۽ همٿائيندڙ دوست محترم ننگر سومري ۽ پيرل پنهان جو ٿورائتو آهيان. جن جي ڪوشش سان هي ڪتابُ تيار ٿيو آهي.

جن مصنفن جي ڪتابن تان مواد ورتل اٿم، تن جو تفصيل ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل ببليو گرافيءَ ۾ پيش ڪيو اٿم. پر هتي اهڙا وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻان ته جيتوڻيڪ هر ڪنهن ماڻهوءَ جا خيال ۽ لاڙا پنهنجا پنهنجا ٿين ٿا، پر پوءِ به هڪ ٻئي جي لکڻين ۽ ڪچهرين منجهان نت نيون ۽ نراليون سوچون سرجڻ لڳنديون آهن. اهڙي ريت منهنجي هن ڪتاب تصنيف ٿيڻ جو سبب پڻ امينه زمان جو ڪتاب "عورت اور جد و جهد آزادي" آهي، جنهن جي پڙهڻ ڪان پوءِ ڏي منهنجي ذهن ۾ هن ڪتاب تيار ڪرڻ جو خاڪو اڀريو ۽ ان ڳالهه جو پڻ ذڪر ڪندو هلان ته محترم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ان ڪتاب ڏي منهنجي وڏ ڪان وڏ مدد ڪئي آهي.
ايتري قدر جو ڪيترن ڏي جاين تي ٽڪرن جا ٽڪرا
لفظ به لفظ ترجمو پڻ ڪيا ويا آهن. ان لاءِ آءٌ محترم
امينه زمان جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان.

هن ڪتاب جي پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۽ تحقيق
واري عمل دوران مختلف مرحلن ۾ مددگار ٿيندڙ
هدايت جُوڻيجي جو ذڪر نه ڪرڻ، سندس ڪيل
محنت سان نا انصافي ٿيندي ان ڪري هتي سندس
شڪريو ادا ڪرڻ پڻ ضروري سمجهان ٿو.

آزاد قاضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مقدمو

ڪنهن به ملڪ جي غلاميءَ وارن زنجيرن ٽوڙائڻ ۾ رڳو مرد ڪجهه ڏيئي نٿا ڪري سگهن. مردن سان گڏ و گڏ آباديءَ جو اڌ حصو جنهن کي عورت چئبو وڃي ٿو، تن جو شامل هئڻ پڻ ضروري آهي اڄ جي سياسي ۽ اقتصادي بدحاليءَ واري دور ۾ جهڙي ريت عورت جي گڏيل ڪمائي. (نوڪري ڪرڻ يا پورهئي ۾ هٿ ونڊائڻ) ڪانسواءِ گهر جو ماحول بهتر نموني نه ٿو هلي سگهي. ساڳي طرح عورت جي ڀرپور تعاون ڪانسواءِ غلام ملڪن جي آزادي ۽ اوسر وارو مرحلو پڻ طئهِ نه ٿي سگهندو.

اڄ سائنسي مقابلي وارو دور آهي ان ۾ يقينن سست ۽ ڪاهل قومن کي شڪست جو منهن ڏسڻو پوندو. سامراجي طاقتون پنهنجي سمورن وسيلن جي زور تي، ننڍين قومن کي پيڙيندي سڌي يا اڻ سڌي طور پنهنجي اثر هيٺ رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. اها حقيت آهي ته صدين جا غلام ملڪ آهستي آهستي آزاديءَ جي زيور سان سينگارجي رهيا آهن، پر وقت گذرڻ سان سامراجي پنهنجي بنيڪي نظام برقرار رکڻ لاءِ نت نوان حربا هلائي، هٿ هيٺ ملڪن کي هٿيڪو رکندا اچن ٿا. ان ڪري آزاديءَ جي ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوتن خلاف ميدان ۾ عمل ۾ نڪري اچن. صرف زباني طور تي چوڻ سان شايد اندر واري آس اڌوري رهجي وڃي. جهڙيءَ ريت محترمه طاهره مظهر لکيو آهي ”اسان عورتن کي امن جي ڪشمڪش ۾ اڳواڻيءَ جو ڪم ڪرڻو آهي، اسان کي پري ٻيهي رڳو اڏين چوڻو نه آهي ته اسين امن جي پاسي آهيون. اسان کي وڏي اهڙن ماڻهن کي جهلڻو آهي، جيڪي امن جا دشمن آهن ۽ جن کان امن کي خطرو آهي. اسان کي ڪنهن طرح انهن کي پڌرو ڪري ٻيهارڻو آهي جيڪي جنگباز آهن، پوءِ اهي ڪير به هجن ۽ ڪنهن به جاءِ تي هجن. اسين انهيءَ ۾ خوش ناهيون ته اسان جا پٽ جنگ ڪن، اهڙي ڪا جنگ جنهن جي ڪا معنيٰ نه هجي“ (۱).

مٿئين بيان منجهان اها ڳالهه بخوبي ظاهر ٿئي ٿي ته جيڪڏهن دنيا ۾ امن، سک ۽ شانتي قائم ڪرڻي آهي ته ان لاءِ عورت جو ان ميدان ۾ اڳتي وڌڻ ضرور آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هر ڪنهن ملڪ ۾ قومي حالتن ۽ ضرورتن جي مدنظر ڌار ڌار طريقه ڪار استعمال

---

(۱) طاهره مظهر. عورتا زاد (عورتون جنگ ۽ امن جي ميدان ۾). مترجم محمد ابراهيم جويو. حيدرآباد: سنڌ فرينڊس سرڪل، ۱۹۸۳ع، ص ۲۲.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏارين طرفان انهن تي ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا ويا ۽ ڪين قومي ننگ ۽ ناموس بچائڻ لاءِ ڪهڙا ظلم برداشت ڪرڻا پيا، تن جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته ڪيترن ملڪن جي عورت سياسي، اقتصادي توڙي سماجي لحاظ کان، هتان کان به تمام گهڻو پٺتي پيل ۽ مظلوم هئي. ڪيس تمام گهڻي پيڙا پوڳڻي پوندي هئي. پر انهن پنهنجي ذهني ڪمال، سوچ ويچار ۽ عملي جدوجهد سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته اهي به وطن واسين سان ملڪ جي آزادي ۽ تعمير و ترقي واري عمل ۾ هڪ جيترو هٿ ونڊائي سگهن ٿيون.

بيان ڪيل ملڪن منجهان ڪن ملڪن جون حالتون ته مڪمل طور اسان وارن (مذهبي ۽ سماجي) حالتن سان ملندڙ جلندڙ هيون، پر ڪن ملڪن جون عورتون ته اسان جي ملڪ جي عورتن کان به پٺتي پيل هيون. پر پوءِ به انهن ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ آزاد قومي معاشري جوڙڻ ۾ مردن جو مڪمل ساٿ ڏنو آهي. اهڙي ريت جيڪڏهن دنيا جي گولي تي نظر ڊوڙائبي ته جتي به آزاديءَ جون جنگيون هليون آهن، اتي عورتون به مردن سان گڏوگڏ جنگ آزاديءَ ۾ شريڪ ٿيون آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته مخصوص ملڪي حالتن تحت ڪن گهڻو ڀرپور ورتو آهي ته ڪن گهٽ، ۽ عورتن جي ذاتي توڙي سماجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پابنديون ۽ ظلمن جو مڪمل خاتمو به تڏهن ئي ٿي سگهيو آهي، جڏهن قوم کي آزادي نصيب ٿي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هندستان جي آزاديءَ واري جنگ ۾ حصو وٺندڙ انقلابي عورت ڪلپنادت لکيو آهي ته جڏهن چٽگانگ هٿان جاپانين جي حملي جو خطرو وڌي ويو تڏهن ”اسان عورتن وٽ وڃي کين عام طور اهو چوندا هئاسين ته هاڻ وقت اچي ويو آهي جو پنهنجي ذاتي بچاءُ ۽ پنهنجي عصمت جي حفاظت جي لاءِ جاپانين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيون“ (١) ڪلپنا جي مٿين لکت منجهان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته ذاتي عزت ۽ عصمت جي بچاءَ ۽ بحاليءَ لاءِ اهو لازمي آهي ته پهريان ملڪ ۽ قوم جو وجود بحال ڪرايو وڃي.

اها به هڪ حقيقت آهي ته قديم دور کان وٺي جي جاگيردارانه روايتون سنڌي عورت مٿان لاڳو ٿينديون آيون آهن، تن ۾ اڄ تائين نه جي برابر ڪمي آئي آهي. ڪيس مال ملڪيت ته ڇا، پر پنهنجي وجود جي باري ۾ به ڪو اختيار ملڻ ڪونهي، پر اها حالت سؤ سيڪڙو عوام سان ته لاڳو ڪانهي اڄ اسان وٽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ عورت اڳتي وڌي آئي آهي. اڄ جي عورت وڌيڪ سڄاڻ ۽ سرت رکندڙ آهي. پنهنجن اندروني ۽

(١) ڪلپنادت، چٽ گاؤن کي انقلابي. مترجم، رضيه سجاد ظهير لاهور: مڪتبه جاويد ١٩٤٦ع ص ١٣٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيروني ملڪي ۽ بين الاقوامي مسئلن کان واقفيت رکندڙ آهي (اهڙن عورتن جو تعداد ڀلي گهٽ ڇو نه هجي) انڪري هاڻ قومي ضرورتن ۽ فرضن جي پورائي جي تقاضا به اهڙي ئي عورت کان وڌيڪ ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته ان جو ئي اهو ڪم آهي ته قوم ۾ جاڳرتا پيدا ڪرائي، هتان جي شعور رکندڙ عورت ذاتي طور تي ته مختلف قسمن جي رنڊڪن ۽ رڪاوٽن کي ٽوڙي اڳتي وڌي آئي آهي، پر هاڻ دنيا جي ٻين سجاڳ عورتن جيان هتان جي عورت تي اهو پڻ فرض عائد ٿو ٿئي ته هوءَ باقي ٻين عورتن جي اڳتي وڌڻ واري راهه ۾ آيل رنڊڪن کي ختم ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري. خاص طور تي ملڪ کي غلام رکندڙ غاصبن ۽ سندن دلالن پاران پيش ڪيل نظرين کي رد ڪري ملڪ جي آزاديءَ ڪارڻ اڳتي وڌي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندڙ ڀاڱرن سان حال ڀيڙو ٿيڻ کان روڪندڙ مدي خارج نظرين ۽ رجحانن جو مقابلو ڪري ڇاڪاڻ ته قوم جو مجموعي مفاد ان ۾ سمايل آهي.

عورتن جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ اڪثر ڪري حڪمرانن يا پارٽيءَ پروگرامن تي ڀاڙيو ويندو آهي. جيڪي ڪهڙن به سببن ڪري گهربل ڪم نه ڪري سگهنديون آهن، تنهن ڪري اڪثر اهو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته حڪومت يا پارٽيءَ وٽ شايد ڪو پروگرام آهي ئي ڪونه، جيستائين اتان کي هدايتون نه ٿيون

مان تيستائين ڪيئين ڪم ٿيندو. ان سلسلي ۾ ڪامريڊ هوچي منھ، تمام ڪارڪر هدايتون ڏنيون آهن. هو چوي ٿو ”جيتري قدر عورتن جو پنهنجو تعلق آهي. هنن کي پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ حڪومت يا پارٽي جي هدايتن جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي تہ پارٽي يا حڪومت جي هدايتن تي ڪيئن آزادي ملي ويندي. پر هنن کي پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ گهرجي ۽ پنهنجي آزادي جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. (۱)

ڪامريڊ جي ان هدايت کي جيڪڏهن سنڌي سماج جي ٻين پهلوئن سان ڀيٽيندي سنڌي عورت جي ذهني اوسر جو مطالبو ڪبو تہ مٿين ڳالھ سمجهڻ ۾ وڏيڪ سهوليت ٿيندي.

ڪنهن بہ ڪم جي ڪاميابيءَ لاءِ اولين شرط مقصد سان سچائي ۽ مسلسل محنت ئي آهي. جن بہ ماڻهن نسلن يا قومن مقصد سان سچائي رکي، اڻ ٿڪ محنت ڪئي آهي تن جا ئي ڪاميابيءَ قدم چميا آهن.

سنڌي عورت جي سلسلي ۾ رکبو ڏيئين ٻن ڳالهين، پردي جي پابندي ۽ تعليم جو ئي ڪٿي مثال وٺو پورهيتن ۾ بہ شروع کان ئي سماجي حالتن جي مد نظر پردو ڪرڻ

---

(۱) هوچي منھ، چونڊ لکڻيون. ترجمو ۽ ترتيب منيراحمد حيدرآباد: قومي ڪتاب گهر ۱۹۷۳ع ص ۵۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ رهيو آهي. باقي ٻيا جيڪي بہ خاندان ۽ قبيلا هئا، جن ۾ پردي ڪـي پنهنجي عـزت ۽ وقار جو وسيلو ڄاڻي عورت کي ان تي پابند رهڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. اج عورت جـي ان طرف ڌانهن سجاڳـيءَ واري لهر اڳيان لاچار آهن ۽ اج شهري زندگيءَ سان واسطو رکندڙ عورتن جو گهڻو تعداد ان پابنديءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري چڪو آهي.

ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۾ ١٩٣٢ع جـو ذڪر ڪندي لکي ٿـو "زالـن پردي جي ٻچر اجـان صفا ڪانہ ڇـڏي هئي، ڇوڪريون ڪاليج ۾ ڪاليج جي پڙهواليءَ سان گـڏ ويٺديون هيون، ڇوڪريون ۽ زالون اڪيليون گهمن، سا ڳـالهہ غير واجبي سمجهبي هئي. ٻوءِ اڳوڻـا خيال اڪاڻيا ويا." □

اهو ڇوٽڪارو ڪو جلد ۽ سولائيءَ سان نہ عورت حاصل نہ ڪري سگهي آهي، ان ۾ ڪافي وقت لڳو هوندو ۽ ان عمل جي شروعـات ڪندڙ خاندانـن کي ڏهمتن ۽ الزامن جو شڪار ٿيڻو پيو هوندو. تڏهن ئي وڃي آهستي آهستي ٿـي اهـو ماحول پيدا ٿي سگهيو آهـي . ان ڳـالهہ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ

---

□ آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، سنڌ جـي هندن جي تاريخ (ڀاڱو ٻيو) ڪراچي: مصنف، ١٩٤٧ ص ٩٤.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄان به ڪيترن ڪٽنبن ۽ قبيلن ۾ اهو پابند ماحول هلندڙ آهي. پر اهو گهڻو وقت برقرار نٿو رهي سگهي. اهو جتي به هلندڙ آهي، ان جا پويان پساهه آهن. هي جا سڄاڳيءَ جي لهر شروع ٿيل آهي سا ضرور سڀني عورتن کي ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرائيندي.

جيستائين عورتن جي تعليم ۽ نوڪرين ڪرڻ جو تعلق آهي ته ڪو وقت هو جو عورتن کي تعليم ڏيارڻ طرف ڪنهن جو به ڌيان نه هوندو هو جنهن ڪري عورتن ۾ نه جي برابر علم هيو. تمام ڪن ٽورن گهراڻن جون عورتون ڪن خاص طريقن سان تعليم حاصل ڪنديون هيون. ٽالپر گهراڻي جي شهزادين لاءِ اهڙيون نوڪراڻيون رکيل هونديون هيون جي معلم کان سبق وٺي اندر وڃي شهزادين کي سيکارينديون هيون. ”ان کانسواءِ عام شهرين ۽ وڏن ڳوٺن جون مورتون تعليم حاصل ڪري سگهنديون هيون، پر ان لاءِ جدا گانه انتظام ڪرڻو پوندو هو.“

ڊاڪٽر قمر واحد سنڌي عورتن جي سڌاري جي سلسلي ۾ لکيو آهي. ”وڌهاڳي ڪانپوءِ سڌريل عورتن جي هجرت ڪري اچڻ ڪري هتان جي عورت ۾ تبديلي آئي.“●

---

● قمر واحد ڊاڪٽر ”سنڌهی عورت صديوں کے آئینے میں“ ٹالپر دور حکومت، جنگ مڈويک ڪراچي: ۱۸ جنوري ۱۹۸۴ع ص ۱۱.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر صاحب مٿيون جملو لکندي ”ولايت جي ڪپر ڪي مينا“ سمجهڻ واري مقولي تي عمل ڪيو آهي ورنه انهن نون آيل ماڻهن جي علمي ۽ سماجي معيار زندگي ڏسڻ ۽ افهن تي افسوس ۽ ارمان ڪرڻ وارا اڄ به زنده آهن. خبر ناهي ته ڊاڪٽر صاحب کي آهي ماڻهو ڪهڙي پاسي کان سڌريل نظر آيا ۽ انهن هتان جي عورت ۾ ڪهڙي تبديلي آندي.

هاڻ اچو ته ورهاڱي کان اڳ واري ماحول جو جائزو وٺون. ڪاڪو ڀيرو مل پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ ٻئي ڀاڱي ۾ لکي ٿو ته ”ساڌو نولراءِ شوقيرام آڏواڻي، ڀيريون سنڌي هو جنهن سنڌ ۾ برهمو سماج جو بنياد وڌو. ان شخص سن ١٨٨٥ع ۾ حيدرآباد ۾ ”شوقيرام چانڊومل گرلس اسڪول چوڪڪيءَ گهٽيءَ واري چاڙهيءَ تي قائم ڪرايو“(١)

اڳتي هلي ”ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ ”سينٽ ميران“ نالي هڪ ڪاليج قائم ڪرايو، جنهن کي واسواڻيءَ هڪ آدرشي ڪاليج بنايو“. (٢)

اهڙو وقت اڳ سنڌي عورت نه رڳو علم جي شروعات ڪئي پر اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ

---

(١) ڀيرومل مهرچند ايضا ص ٨٣
(٢) ڀيرومل مهرچند ايضا ص ٨٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشالا ڪڍيا.

”سچي سنڌ ۾ پهريون ساڌو هيرانند هو، جو پنهنجن ڀيڻ نياڻين کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جي ارادي سان ”بانڪيپور“ وٺي ويو“ (٣) تنهن بعد ”ڀائي جڳومل پنهنجي نياڻين کي اعليٰ تعليم پرائڻ واسطي ڪلڪتي موڪليو“ (٤)

سنڌ ۾ اعليٰ تعليم کي زور پروفيسر شهاڻيءَ وڌايو هن پهريان پنهنجي نياڻي سنڌ ڪاليج ۾ موڪلي ٻين لاءِ مثال قائم ڪيو. سنڌس نياڻي ”ڪماري جمنو ڀائي“ پهرين عورت هئي جنهن وڪالت جو امتحان پاس ڪيو ۽ ١٩٣٢ع ۾ پاڻ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. اپر سنڌ جي ديوي ”سيتلداس“ پهرين عورت هئي، جنهن بمبئيءَ يونيورسٽي مان بي. ايس. سي جو امتحاس پاس ڪيو.

شروعاتي دور وارن انهن عورتن جي عملي ڪارنامن جي ڪري، هن سماج ۾ وڏو ڦيرو آيو جنهن ڪري هاڻ تعليم حاصل ڪيل عورتن، فلاح ۽ بهبود وارن ڪمن ۾ بهرو وٺي، ٻين ڀينرن جي ڀلي جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا اهڙي ريت سجاڳيءَ جي نئين لهر پيدا ٿي. ١٩٣٠ع کان پوءِ ڙڳو ڪراچي ۾ عورتن جي حقن خاطر ڪم ڪندڙ زالن ۾ ”ڪڪي ڀائي چيتلداس“،

---

(٣)-(٤) پيرومل مهرچند ايضا ص ٨٤

”ڀار پتي ٻائي گدواڻي“، ”ڄيٺي ٻائي سپهملاڻي“ ۽ ”مائي هر ديوي ٻائي“ پيش پيش هيون جن جي ڪوشش سان سنڌ جي مختلف ضلعن جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد ٿرپارڪر، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور رياست ۾ عورتن جي فلاح بهبود جا مختلف ادارا ۽ ويم گهر قائم ٿي چڪا هئا.

اهو دور پوءِ به عورتن جي تعليم جي سلسلي ۾ پٺتي پيل هو. چند هندو خاندان هئا، جن علم جي اهميت کي چاتو پئي ۽ عورتن کي پڻ تعليم جي زيور سان سينگاريو پئي ته ته گهڻن پڙهيل ڳڙهيلن جو به ان طرف ڪو ڌيان ڪونه هو، تنهنڪري ان وقت جي مشهور رسالي سنڌوءَ ۾ اڪثر هيٺين قسم جون اپيلون ۽ مشورا شايع ٿيندا رهندا هئا. ”هن وقت استرين جي علم جي ايتري ضرورت آهي جيتري پرشن (مرد) جي علم جي. سو جيڪڏهن پرش پڙهيل هوندو ۽ استري علم کان اڻواقف هوندي ته گهر جو گاڏو چڱي طرح هلي نه سگهندو. چاڪاڻ ته سرشتيءَ جو اصل نيم آهي ته جيستائين گاڏيءَ جا ٻئي ڦيڪلا برابر نه آهن تيستائين گاڏي سولي هلي نه سگهندي، تنهن ڪانسواءِ نه رڳو اسان کي پنهنجن گهرن جو خيال ڪرڻو آهي، پر ايندڙ وقت به اسانجو ويچار لهڻو“

● ....؟....، استري سماج. سنڌو ڪتابي سلسلو حيدرآباد جنوري ۱۹۳۲ع ص ۵۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سرتي آهي، جن گهٽ ۽ پوسٽ واري ماحول ۾ قربانيون ڏيئي علم جي اهميت کي اجاگر ڪري هي ماحول پيدا ڪرايو.

ويجهڙائي ۾ هڪ عالمي اداري سنڌ جي نوڪري ڪندڙ عورتن جا انگ اکر گڏ ڪيا آهن، جنهن موجب ۲۰.۷ سيڪڙو عورتن پنهنجي مڙسن جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جڏهن ته ۱۰.۳ سيڪڙو خاندان جي اضافي آمدني لاءِ ڪم ڪن ٿيون ۱۰.۴ سيڪڙو غربت جي ڪري ملازمت ڪن ٿيون، ۴.۵ سيڪڙو پنهنجي مڙسن جي بيروزگاري سبب ڪم ڪري رهيون آهن، ۸.۸ سيڪڙو وٽ فالتو وقت آهي، جنهنڪري اهي ملازمت ڪن ٿيون ۽ ۶.۷ سيڪڙو مڙسن کان جدا ٿيڻ سبب ملازمت ڪرڻ لاءِ مجبور آهن. ●

مٿين انگن اکرن ڏسڻ مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي عورت باوجود سماجي پابندين جي تعليم جي ميدان ۾ ڪيترو نه اڳتي وڌي آئي آهي. اهي گهراڻا جيڪي عورتن کي ڪوٺن ۾ بند رکڻ ايترو ته ضروري سمجهندا هئا، جو خراب کان خراب بيماريءَ جي حالت ۾ به عورت کي ٻاهر نه ڪيندا هئا، تن

● هلال رپورٽ، روزانه هلال پاڪستان ڪراچي:
۱۶ جنوري ۱۹۸۴

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڇوڪريون ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم پرائي، نوڪريون ڪري رهيون آهن. جيئن رپورٽ منجهان ظاهر ٿئي ٿو ته ٨٤٨ سيڪڙو عورتون صرف وقت گذارڻ لاءِ نوڪريون ڪن ٿيون. يعني اهي خانداني طور ايترو ته خوشحال آهن جو پگهار جي ڪا خاص ضرورت نه اٿن، پر وقت گذارڻ لاءِ ان وسيلي جي گهرج اٿن. اها ايتري تبديلي هن سماج ۾ ڪيئن آئي هوندي. اهو خود سوچڻ جهڙو پهلو آهي. ان لاءِ ضرور ڪن عورتن کي مائٽن جون رنجشون برداشت ڪرڻيون پيون هونديون. عام ماڻهن جي الزامن ۽ ٺٺولين جو شڪار ٿيڻو پيو هوندو. مائٽن جي هٺ ڏوڪي خانداني عزت ۽ وقار جو سالن کان هلندو ايندڙ ڊانچو ضرور سندن ان راهه ۾ رڪاوٽ بڻيو هوندو. (شايد اڃان به ڪٿي اهو سلسلو هلندڙ هجي) پر باوجود ان جي سندن مقصد سان سچائي ۽ مسلسل جدوجهد کين پنهنجي مقصد جي حاصلات ۾ ڪاميابي حاصل ڪرائي ۽ وقت گذرڻ سان اها روشني هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين پکڙجي رهي آهي. ان سوچ ۽ سمجهه جي ڦهلاءَ ۾ سجاڳ عورتن جو سنئون سڌو هٿ آهي ۽ اها ئي سندن هٿن جي حاصلات آهي. باوجود انجي جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو ته ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيندو ته هڪ آزاد ملڪ ۽ معاشري ۾ جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ته ڪونهي ته سنڌ جي عورت وطن جي آزادي ۽ خوشحالي واري جدوجهد ۾ حصو ورتو ڏي ڪونهي تاريخ منجهان خبر پوي ٿي ته هتان جي عورت مختلف دورن ۾ پنهنجي ڀائرن سان گڏجي وطن جي ويرن سان جنگ ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي حصو پڻ ورتو آهي.

سنڌ جي تاريخ جيڪا برهمڻي دور کان سلسلي وار ملي ٿي تنهن جي سموري دور ۾ جنهن وقت به ملڪ مٿان ڪنهن ڪاهه ڪئي آهي. جڏهن به هتان جي سون ورني ڌرتي جي سرسبز کيتن کي ويران ۽ برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جڏهن به هتان جي ٻولي ۽ تهذيب کي اجاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. تڏهن هتان جي ماڻهن جا قومي تشخص National Adenti Fication جي بچاءُ واري جدوجهد پڻ ڪئي آهي. تنهن ۾ سنڌن مائرن، ڌيئرن ۽ ڀينرن ڪجهه نه ڪجهه حصو پڻ ورتو آهي.

برهمڻ گهراڻي جي وقت ۾ جڏهن هن ملڪ مٿان عربن ڪاهه ڪئي، تڏهن به هتان جي عام ماڻهوءَ سان گڏ شاهي خاندان جي عورتن جو پڻ ملڪ جي بچاءُ واري جنگ ۾ ڀرپور ڪردار رهيو آهي. (٢)

---

(٢) ان دور جي انقلابي عورتن جي باري ۾ آءٌ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جون انقلابي عورتون“ ۾ تفصيل سان بحث ڪري چڪو آهيان. ”آزاد“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سومرن جو دور جنهن ۾ مارئي جهڙو مارن ۽ ملڪ سان محبت جو هڪ لازوال ڪردار پيدا ٿيو. جنهن سيڻن سان پيار ۽ محبت جو سبق ڏنو ۽ سون تي سيڻ مٽڻ کان تنبيهه ڪندي، مارن سان بي پناهه محبت جو سبق ڏسيو. جنهن لاءِ لطيف چوي ٿو:

وَرُ سي وطن چائيون، صحرا سَتَرُ جَنِ،
گـولاڙا ۽ گَنگِـريـون، اوچـڻ ابـاڻـن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهه جهنگن،
مون کي مارونڙن، سيج ڳڻائي سيج ۾! "شاهه"

ان ئي دور جو هڪ ٻيو ڪلاسڪي ڪردار سسئيءَ جو پڻ آهي جنهن منجهان سنڌي عورت جي بهادري ۽ بلند حوصلي، جرئت ۽ همت، جو سبق ملي ٿو. جيڪا پنهنجي مقصد واري راهه ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي هٽائڻ جو عزم رکندڙ آهي. جيڪا قربانيءَ جو مڪمل نمونو آهي، جيڪا پنهنجي مقصد سان زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين سچي نظر اچي ٿي.

هيڪليائي هيل، پـورينڊس پنهونءَ ڏي،
آڏا وانگـر لڪيون، سوريون سڄڻ سيل،
ته ڪر پيلي آهن پيل، جي سور پريان جا ساڻ مون. "شاهه"

اهو ئي دور آهي جنهن ۾ "ٻونگر راءِ" جي وڏي پٽ "چنيسر" جي نااهليءَ سبب سنڌس ننڍي پٽ دودي کي راڄ ڀڳ پڌرائي جنهن کي چنيسر پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذاتي عزت جو مسئلو بڻائي قوم سان غداري ڪئي ۽ دهليءَ جي حاڪم علاوالدين کي سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ وٺي آيو. تڏهن به هن ڌرتيءَ جي ڌيئرن، ڀاڳهل ڀائي (دودي جي ڀيڻ) ”ساران“، ”ڪويل“ (دودي جون ڌيئر) ۽ ”مالها“ وطن خاطر وڙهندڙ عوام سان ڀرپور ساٿ ڏنو. (١)

سومرا ۽ سما دور کان پوءِ سنڌ ۾ مڪمل افراتفري وارو عالم پيدا ٿي پيو. تنهن ڪري ڪابه پوري معلومات ملي نٿي سگهي. البت تاريخ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪي اهڙا اهڃاڻ نظر اچن ٿا جن منجهان اهو اندازو ٿي وڃي ٿو ته ان دور ۾ مردن سان گڏ عورتون پڻ عملي آورن سان سامهون ٿي سنڌن ظلمن جو شڪار بڻيون رهيون آهن. تاريخ ۾ اچي ٿو، ته ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ جي اندروني بغاوتون ٿيون تن جي پاداش ۾ شاهه حسن هتان جي نياڻين لاءِ سزا جو هڪ انوکو نمونو اختيار ڪيو، جو کين گرفتار ڪرڻ کانپوءِ سنڌن مٿن ۾ ٻليون وجهرايون ويون.

ان ئي دور ۾ سنڌ جي حڪمران مرزا جاني بيگ جي فوجن کي خان خانان سان انڙپور وٽ لڳل جنگ دوران جڏهن سنڌي فوج کي شڪست اچڻ واري

(١) سومرا، دور جي انقلابي عورتن جو تفصيلي ذڪر راقم الحروف جي ڪتاب ”سنڌ جون انقلابي عورتون“ ۾ آيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، تڏهن سنڌس بهادر زال جا سنڌي نسل مان ذات جي سمي هئي. سا فوج ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ اگهاڙي تلوار هٿ ۾ ڪري ميدانــي جنگ ۾ نڪري آئي.

جڏهن سنڌ تي مغلن جو راڄ قائم ٿيو، تنهن ۾ تہ هن ملڪ ۾ هاڃا ٿي ويا. مغلن جي ڀڳهار دار نوابن هن ديس جو آلهو تلهو اجڙ ڪري ڇڏيو. مخالفت ڪندڙ قبيلن جا گهر تڙ ڦٽائي ڇڏيائون.

مغلن جي گورنر بختيار بيگ چانڊيئن جي سردار ”موندر خان چانڊيئي“ (جيڪو سنڌس وڏو مخالف هو.) کي هيٺو ڪرڻ لاءِ هڪ حملي ۾ ٻين ڪيترن مرد ۽ عورتن سان گڏ سنڌس زال کي بانڌي بنائي بکر جي قلعي ۾ بند ڪري رکيو هو.

مغلن جي هڪ ٻئي نواب ”شمشير اوزبڪ“ خاسائي شورن جي شورش کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ سندن ڳوٺن تي حملو ڪيو. ڳوٺ وارن پنهنجو پاڻ ۾ گڏجي مئير مڙس ”دائود خان“ شوري جي اڳواڻي ۾ مقابلو ڪيو. ان وڙهاند ۾ دائود شوري جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ويا، ۽ ڪيترائي قيدي بنايا ويا. قيدين ۾ سنڌس زال بہ شامل هئي. جنهن کي سيوهڻ ۾ آندو ويو ۽ ان کي آزاد ڪرڻ جي آڙ ۾ ”دائود“ کان ڪجھ شرط مڃايا ويا.

سنڌ جي حاڪميت، مغلن جي نام نهاد گورنرن

ڪان ڦرندي ڪلهوڙن جي هٿن تائين پهتي، جن کان ميان عبدالنبيءَ جي وقت ۾ ٽالپر خاندان سان اڻبڻت ٿيڻ ڪري، هن ملڪ جون واڳون ٽالپر خاندان جي هٿن تائين پهتيون. جن ملڪ کي يارن باشي ۽ شوق شڪار واري نموني هلائڻ ڪارڻ پنهنجي چوپاري ڪٺي تيار ڪئي ۽ ملڪي انتظاميه طرف ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو. تنهنڪري ملڪي نظام درهم برهم ٿيندو ويو ۽ آخرڪار ان جو نتيجو، انگريزن جي غلاميءَ واري روپ ۾ نڪتو.

سنڌي عورت جي قربانيءَ جي سلسلي ۾ چارلس نيپئر جي فتح وارو آخري ڏينهن سبق آموز ڏينهن سڏي سگهجي ٿو. مڪمل سوپ ٿيڻ کان پوءَ انگريزن قلعي ۽ حويلين کي لٽڻ شروع ڪيو. تنهن تي ميرن جي زالن کين چوائي موڪليو ته کين رڳو بدن وارن ڪپڙن سان حويلين، خالي ڪرڻ جي موڪل ڏني وڃي. پر گوري حاڪم اهو به نه مڃيو ۽ سنڌس سپاهين نه رڳو ڦرلٽ ڪئي پر ٻارن ۽ عورتن جي ڪنن ۽ هٿن جا زيور ڇني لاٿا. جنهن ڪري ڪيترا ٻار تڪليف وچان تڙپڻ لڳا.

انگريزن ١٨٥٣ع ۾ خاص ڌيان ڏيئي سنڌي ٻوليءَ کي جو زور وٺايو. تنهن ڪري هتي تعليم طرف ڪجهه رجحان پيدا ٿيو. تعليمي لهر عورتن ۾ پڻ ڪافي سجاڳي آندي، ڪاڪو پيرومل لکي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇوڪريون جيئن مشترڪ تدائين پڙهڻ لڳيون تيئن آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ جو چاهه منجهن وڌيو.“ ●

ملڪ جي آزادي جي سلسلي ۾ هلچل شروع ٿي آزاديءَ جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا ۽ خلافت تحريڪ شروع ٿي، انهن ۽ اهڙين ٻين تحريڪن ۾ ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين به حصو وٺڻ شروع ڪيو.

ان شروع ٿيل لهر جي ڪري پردي جو رواج ٽڪڙو ٽڪڙو ختم ٿيڻ لڳو. ان دور ۾ آيل سجاڳيءَ جي باري ۾ ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو ”سنڌي جي نارين تي ڪانگريس ۽ مهاتما گانڌي جو اثر ١٩٣٠ع کان وٺي چڱي ريت ٿيو. جڏهن ڪراچي ۾ ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ٿيو، ۽ پوءِ زبردست سول نافرماني جي هلچل هلي. ڪانگريس اجلاس ۾ ڇوڪريون ۽ زالون ”پريڊ“ ڪرڻ لڳيون، ۽ والنٽيئر ٿي سارو ڪم سنڀالڻ لڳيون، ٻين اڳواڻن، استرين ٿوري مردن جي خيالن مان واقف ٿيڻ سان سنڌن دلين ۾ وڏو انقلاب پيدا ٿيو ۽ قوميت جو جذبو جاڳيو“ (١)

سنڌ جي نيائين ۾ جيو آزاديءَ جو اتساهه پيدا ٿيو، تنهن کي صحيح ۽ ڪامياب رخ سان هلائڻ لاءِ انهن اخلاقي سڌارن تي پڻ ڌيان ڏنو. ايتري قدر جو

---

● آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند ايضا ص ٩٤

(١) آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند ايضا ص ٩٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشي جي عادي شرابي عوام ۾ تبديلي آڻڻ خاطر هو، ”شراب جي ڪُٺن اڳيان ته وڏي همت سان بيهي ويون. ڪنهن شراب جي ڪُٺي ۾ ڪو ڇڪي ڇاڙهڻ لاءِ چڙهندو هو ته ڪُٺي جي ڇانئٺ وٽ ڇوڪريون ۽ زالون ڍڳهيون ٿي سمهي پونديون هيون ۽ اڳلي کي چونديون هيون ته ڪُٺي ۾ اندر وڃڻو هجيئي ته پهي اسان کي لتاڙي لنگهي وڃ ڪنهن کي جرئت ڪانه ٿي پئي جو ائين ڪري! ائين ڪٺيوارن جا گراهڪ موٽي ويندا هئا.“ ٭

آزاديءَ جي آس ۾ به ڪو عجيب سرور سمايل آهي جا انسان کي محبت وارين ميخن ۾ جڪڙي ايترو ته محبت ۾ مست والست ڪيو ڇڏي، جو ماڻهو پنهنجي پياري کان پياري شيءِ، عزت ۽ شهريت، ننگ ۽ ناموس هر شيءِ ان لال پريءَ جي هڪ گهڙيءَ واري جلوي تان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. آزاديءَ جي ساڃاهه اچڻ کان پوءِ اها ساڳي حالت سنڌ جي عورتن جي هئي، ڪاڪو ڀيرو مل هتان جي عورتن ۾ آزاديءَ جي سوچ اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ وارين حالتن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ”ڪنهن هندو استري (عورت) تي (اڳ) مقدمو ٿئي، ته سندس ماڻٽ جيڪر هزارها خرچي به ڪيس ڇڏائڻ جي ڪوشش

---

٭ ڀيرو مل مهر چند ايضاً ص ٩٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن، پر هن قومي هلچل مهل هندو استرين ۾ ايترو ته اتساهه (جذبو) هو، جو مقدمي هلڻ مهل نڪي وڪيل ٿي ڪيائون، نڪو بچاءُ ٿي ڏنائون، جيلن ۾ ائين ٿي ويون، ڄڻ ته ٽرنگ جو تيرٿ ڪرڻ ٿي ويون. اها حيرت جهڙي هلت هلي، ثابت ڪري ڏيکاريائون ته استرين ۾ وڏي شڪتي (طاقت) آهي. جنهنجي پروڙ اڳي عام خلق کي نٿي پيئي" (١)

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
چڏي ڪيٽ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا. "شاهه"

آزاديءَ جي پروڙ پوڻ ڪانپوءِ ته هتان جي عورتن آزادي واري راهه ۾ وسان ڪونه گهٽايو. روڊن تي نڪري آيون، مظاهرا ڪيائون. "پوليس کين ڇڙ وڇڙ ٿيڻ لاءِ چوندي هئي ته پوليس کي ليڪچرنديون به ڪين هيون. لٺ بازي ۽ گولي بازي ٿيندي هئي ته ڊڄي پٺتي ڪونه وينديون هيون پر سورهيائي سان ڌڪ سهنديون هيون" (٢)

"سن ١٩٤٢ع ۾ ڪانگريس اعلان ڪيو ته انگريز هندستان ڇڏي وڃن ته سنڌ جي نه رڳو وڏن شهرن مان پر سنڌ جي هر هڪ ڪنڊ ڪڙڇ مان، ناريون نڪري نروار ٿيون ۽ ديش خاطر هر طرح جون سختيون

(١) پيرو مل، مهر چند ايضا ص ٩٥
(٢) پيرو مل، مهر چند ايضا ص ٩٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيون ڪري پوڳيائون“ (١)

”١٩٤٣ع ۾ مهاتما گانڌي جي گهر واري شريمتي ڪستور بائي جيل ۾ گذاري ويئي. ان جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ ڪستور بائي گانڌي فنڊ جاري ڪيو ويو هو، ان ۾ پڻ هتان جي عورتن ڀرپور حصو ورتو ۽ سنڌن ڏي ڪوشش سان سنڌ مان ڏي لک روپيا چندو ٿيو. مهاتما گانڌيءَ جي حڪم موجب اهو چندو هتان جي زالن ۽ ٻارن جي ڀلائي لاءِ استعمال ٿيو. انهيءَ رقم مان ويم گهر، مڊوائيفري ٽريننگ ڪورس زالن لاءِ تعليمي سينٽر وغيره جاري ڪيا ويا.“

اِن ڏي دور ۾ انگريزن خلاف سنڌي ماڻهن جا حر تحريڪ شروع ڪئي، تنهن ۾ هتان جي عورت ايترو ته ڀرپور حصو ورتو، جو انگريز عملدارن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. ان تحريڪ دوران عورتن جاسوسي ڪرڻ، پيغام پهچائڻ، بارود ڍوئڻ کان سواءِ ڪيترن جاين تي ويڙهه وارين ڪاروائين ۾ پڻ حصو ورتو.

انگريزن جي ڏي دور ۾ پهريان ڪانگريس، بعد ۾ مسلم ليگ پارٽيون ٺهيون، ته نفاق جو ٻج پيو. هڪ پاسي ٻه قومي نظريي جي بنياد تي سياست هلائڻ جون ڪوششون ڪيون پئي ويون، ته ٻئي پاسي هندو مسلم اتحاد جون ڪوششون ٿي رهيون هيون، سياسي معاملن

(١) آڏواڻي ڀيرو مل مهر چند ايضا ص ٥٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ناڪامين ملڻ ڪري سياسي پارٽين سماجي ڪمن ۽ ادبي توڙي ثقافتي طريقن سان عوام ۾ بيداري آڻڻ جون ڀرپور ڪوششون ڪيون. تڏهن به هتان جي عورت ڪانگريس توڙي مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان، هن ملڪ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ ڪارڻ ڀرپور ڪوشش جاري رکي.

هن ڪتاب ۾ جن ملڪن جي سماجي ڪمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تن ڪمن جي پوراڻي لاءِ سنڌي عورت انگريز راڄ جي ان پوئين اڌ واري جدوجهد ۾ ڀرپور ڪوشش ڪئي. ان دور جي سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ ۾ نصرت عبدالله هارون، جيٺي سپهملاڻي، پاربتي گدواڻي، ڪستوربائي، بيگم طاهره آغا، سرفهرست آهن، جن زناني تعليم کي زور وٺائڻ، نرسنگ ۽ مڊوائيف ڪورس شروع ڪرائڻ، عوام جي سهوليت خاطر مختلف جاين تي ويم گهر قائم ڪرائڻ لاءِ ڪارگر ڪوششون ڪيون.

ان دور جي عورتن نه رڳو سماجي ڪمن ۾ حصو ورتو، بلڪ انهن مختلف تنظيمن جي پليٽ فارم تان ملڪ جي سياسي جدوجهد ۾ پڻ ڀرپور ورتو. ان دور جي عورتن مان جيٺي سپهملاڻي، مردن جو مٽ عورت هئي. هن هر اهو ڪم ڪيو جيڪو مرد ورڪر ڪري ٿي سگهيا، پر ڪيترن نظرياتي ۽ اصولي ڪمن ڪرڻ ۾ ته هوءَ مردن کان ڏاڪو وڌي ويئي. هوءَ ڪيترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرا جيل ۾ پيئي، پر ڪڏهن به پنهنجي عمل تي پشيمان نه ٿي، ۽ سرڪار اڳيان ڪنهن به بهاني معافيءَ لاءِ هٿ نه وڌايو. ايتري قدر جو هڪ پيري جڏهن سندس ماءُ سخت بيمار ٿي پيئي، تڏهن خانداني لاڳاپن هٿان ڪري، ان وقت جو وڏو وزير سر غلام حسين هدايت الله کيس جيل ۾ ملڻ ويو ۽ صلاح ڏنائينس ته جيڪڏهن هوءَ لکت ۾ درخواست ڏيندي ته کيس "پيرول" تي آزاد ڪيو ويندو. ان موقعي تي هڪ پاسي ماءُ جي مامتا سندس روح تڙپائي رهي هئي، ته ٻئي پاسي قومي غيرت سندس جيءُ جنجهوڙي رهي هئي، آخرڪار هن بهادر عورت قومي ننگ ۽ ناموس برقرار رکندي ملڪ جي وزير اعليٰ کي چيو "جي توهان پائين ٿو ته آءٌ پنهنجي رهائي لاءِ توکي عرض ڪنديس يا ڪو يقين ڏياريندس ته اهڙي اميد ڪنهن کي منهنجي جتيءَ مان به نه رکڻ گهرجي." (۱)

۱۹۳۰ع ۾ سنڌي هارين جي حقن لاءِ جا هاري تحريڪ شروع ٿي تنهن ۾ پڻ سنڌي عورتن پنهنجو پاڻ ملهائيو، جنهن جو ثبوت شهيد بختاور جي خون منجهان ملي ٿو. جا چوڌري دين محمد جي گوليءَ جو نشانو بنجي ويئي، پر پنهنجي جيڏري ڌرتيءَ تان آن جو

---

(۱) سيد، جي، ايم، جنڊ گذاريم جن سين. (پاڳو پيو) حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۷ع ص ۱۳۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿو ڪٿڻ نہ ڏنائين ساڳي سال ۾ مهاتما گانڌي پاران جا 'لوڻ تحريڪ' شروع ڪئي ويئي، تنهن ۾ شڪارپور جون ٻہ سنڌي عورتون "شريمتي گنگا ديوي" ۽ "شريمتي لڪشمي ديوي" جيل ويون. ٻلديوتي گجرا جي لکت موجب "گنگا ديوي" شايد سڄي هندستان ۾ ان معاملي ۾ جيل ويندڙ پهرين عورت هئي" (١)

مارچ ١٩٣١ع جي پڇاڙيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي صدارت ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو، ان موقعي تي سنڌي عورتون والنٽيئر مقرر ٿيون هيون جن جي مهندار "پاربتي گدواڻي" هئي.

١٩٣٢ع ۾ عدم تعاون واري تحريڪ هلي، تنهن ۾ وڏ ۾ وڏ ٻہ يا اڍائي سال جيل ڪاٽيندڙ سنڌي عورت "ليڪشمي ديوي" هئي، ان کي جڏهن سزا ٻڌائي ويئي تہ ان وقت ڪورٽ کان ٻاهر نڪرندي، هن ڪان پڇيو ويو تہ "ڇا ٿيو؟" تڏهن چيائين تہ رڳو ٻہ- اڍائي منٽ سزا ملي آهي. □

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جڏهن سنڌ ۾ تحريڪ هلائي، تڏهن خرچ جي پورائي لاءِ پير جهنڊي جي گهر واريءَ پنهنجا سونا زيور ڪيش (خرچ لاءِ) ڏنا ● جڏهن مولانا

(1) Gujra, Buldev, T. "Sindhi's Then and Now" Sindhi Darshan Dehli, 13Oct 1983

□ پيرو مل مهر چند ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪابل روانو ٿيو پئي، تڏهن ڪيس خرچ پکي لاءِ شيخ عبدالرحيم سنڌي (جي گهر واريءَ) پنهنجا زيور ڏنا ●

هندستان جي سياست جو اهو دور به قومي نظريي جي ڦهلاءَ ڪري وڏو افراتفريءَ وارو دور هو. ملڪي سياست تي مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جهڙا به وڏا راڪاس وڙهي رهيا هئا. سنڌ جي جذباتي قسم جي مسلم توڙي غير مسلم سياستدانن جي غلط ڪارنامن سبب سنڌ پڻ ان ويڙهاند جو آکاڙو بڻجي چڪي هئي. منهنجي خيال ۾ عملي جدوجهد ۾ حصو وٺندڙ هتان جي ماڻهن جون ٻه بنيادي غلطيون پئي رهيون آهن.

(الف) انهن جذباتي هئڻ ڪري مسئلن نبيرڻ ۾ سنجيدگي کان ڪم نه ورتو. انڪري جذباتي وهڪري ۾ وهي، ڪڏهن اوير ته ڪڏهن اولهه پئي ويا آهن.

(ب) انهن سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي واري جدوجهد کان وٺي، هر سامهون ايندڙ مسئلي کي آخري چائي، پنهنجن سمورن وسيلن ۽ طاقت کي رڳو ان جي حل ڪرڻ لاءِ پئي صرف ڪيو آهي.

اهڙين حالتن ۾ جڏهن اهي عارضي مسئلا جن جو ٻين ڪيترن اهم مسئلن سان سڌو لاڳاپو هيو، سي جڏهن

---

● زرداري، محمد لائق ڊاڪٽر "تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو، سورو: قاضي محمد قاسم. نئين سنڌي لائبريري ١٩٨٣ ص ٢٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پنجاب ۾ زور ورتائون لاءِ لاهور ۾ وڃي ڪم ڪيو. (۱)
ورهاڱي کان پوءِ جلد ئي حڪمرانن ڪيل واعدن ۽ اقرارن کان منهن موڙي، هن ملڪ سان ون يونٽ لاڳو ڪري سنڌ جو وجود ختم ڪري ڇڏيو. انجي خلاف پڻ مختلف وقتن تي "ون يونٽ ختم ڪريو" "سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي قرار ڏيو" "ووٽن جون لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپارايو" جهڙيون تحريڪون سنڌي عوام جو آواز بڻجي اڀريون، جنهن لاءِ جلسا ٿيا، جلوس نڪتا، ڳوڙها آڻيندڙ گيس ۽ لٺيون هلايون ويون ۽ جيل ڀريا ويا. انهن حالتن ۾ به سنڌي نياڻين پنهنجي ڀائرن جو ساٿ ڏنو. هتان جي نياڻين نسيم سنڌي، رياض ميمڻ، اختر بلوچ، سحر سارڱي، نسيم ٿيٻو ۽ ڪيترين ئي ٻين گمنام سنڌي عورتن قومي مسئلن لاءِ بک هڙتالن ۽ جلسن جلوسن ۾ ڀرو ورتو. قومي مقصد لاءِ پنجاب جي جيلن جا به در ڏٺا. اها جدوجهد وقتي طور ڪامياب ٿي ويئي ۽ آخرڪار ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو.

مٿي بيان ڪيل سنڌي عورتن جي جدوجهد واري

---

(1) Mirza Sarfaraz Hussin. "Muslim women's Role in The Pakistan Movement" Lahore Research Society of Pakistan: University of Punjab 1969, P: 139

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه معلوم به نه ٿو ڪيو وڃي. قانون جي صاحبن، قانوني جوڙجڪ ڏي ڪجهه اهڙي رائج ڪئي آهي، جنهن سان غلط ڪارين کي ڏي وڏيڪ هٿي ملي ٿي. قانون جي سلسلي ۾ ٻي ڳالهه اها به آهي، جيئن ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته "حاڪمن جو قانون پنهنجي ڏيهي ماڻهن لاءِ ٻيو هوندو آهي ۽ محڪوم قومن لاءِ ان جو ٻيو روپ هوندو آهي" جيڪڏهن پنهنجي عوام جو ننڍي کان ننڍو مسئلو پيدا ٿيندو آهي ته ان لاءِ سڄي مشينري ترتلي ۾ اچي ويندي آهي. پر ساڳي وقت محڪوم قومن مٿان پلي ڪيڏا به ڪوٽ ڪري پون پر ان لاءِ ڪين سوچڻ جي تڪليف ڪرڻ به گوارا نه ٿيندي آهي. اهو ان ڪري جو انهن محڪوم ماڻهن کي هڪ جهڙائي وارو درجو حاصل نه هوندو آهي.

هتي منجهائيندڙ مسئلو اهو آهي ته اسانجي باشعور پيڙهن (جيڪي هر مسئلي کي سمجهن ٿيون) جو پڻ مسئلن جي اصليت کي سمجهڻ ۽ نبيرڻ طرف اهو ڏي رويو آهي، جيڪو آزاد مغربي ملڪن ۾ هلندڙ آهي. جڏهن ته اسانجون حالتون ان جي بلڪل ابتڙ آهن. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي، هيءُ دنيا جي مختلف ملڪن جي عورتن جي مسئلن ۽ عملي جدوجهد جي چاڻ ڏيندڙ ڪتاب پيش ڪري رهيو آهيان ته جيئن موجوده جمود واري حالت ۾ ڪا تبديلي اچي سگهي، جيڪڏهن منهنجي هن مختصر ڪوشش منجهان سنڌي

پيڙن جي ٿوري ٻه عملي اوسر ٿي سگهي ته چڱي موٽ ڪي منهنجي محنت جو ڦل ملي ويو.

محترم عبدالواحد آريسر لکيو آهي ”ڪنهن قوم جو آزاد روح مري نٿو سگهي، پر اهو هر پيڙي جوڻ متاثيندو، پيڙهي در پيڙهي هلندو ٿو رهي“ (١) آريسر صاحب جي ان قول جي روشنيءَ ۾ منهنجي هن عملي ڪاوش پويان پڻ اهوئي جذبو ڪارفرمان آهي ته من ڪي ستل ذهن بيدار ٿي پون ۽ وري ”ماين“ ۽ ”لاڏي“، ”مارئي“ ۽ ”پاڳهل“ جو بيدار روح نئون جنم وٺي موجوده پيڙهيءَ ۾ ڪا سجاڳي پيدا ڪري سگهي.

طالب العلم
آزاد قاضي
مارچ ١٩٨٦ع

(١) آريسر، عبدالواحد. سر ۾ سانجهي ويرء حيدرآباد: رني ڪوٽ ڪتاب گهر ١٩٨١ع ص ١٣

# عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الجزائر جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□— ٣٠- سپٽمبر ١٩٥٧ع واري ڏينهن انقلابي عورتون زهره ظريف، جميله بوهيره ۽ سميه الخدري، برقن ۾ ويڙهجي، دشمن کي نقصان رسائڻ لاءِ نڪتيون، انهن سان هر هڪنهن وٽ هڪ ڪلوگرام جو دستي بم هيو. سندن هٿن ۾ ننڍيون ٽوڪريون هيون، جن ۾ وهنجڻ جي ڪپڙن، ٽوال، تيل جي شيشن ۽ ضروري سامان هيٺان بم رکيل هئا.(١)

گذريل مهيني (آگسٽ) جي ڏهين تاريخ فرانسيسي حڪمرانن الجيره ڳوٺ جي ٽن گهرن کي بمن سان حملو ڪري مٽيءَ سان ملائي ڇڏيو هو. ان ڪاروائي ۾ ستر ماڻهو مري ويا هئا.

ڪارروائي کان پوءِ الجيره زون جي ڪمانڊر مهديءَ حڪم جاري ڪيو ته بي گناهه قتل ٿيل مرد، عورتن ۽ ٻارن جو هڪدم بدلو ورتو وڃي. پارٽي پاران اهڙي حڪم ملڻ تي، هي ٽيئي عورتون مقرر نشانن ڏانهن روانيون ٿيون- زهره پنهنجي ٽوڪري هڪ بار ۾ ميز هيٺان رکي، سميه الخدري ڪيفي ٽيريا ۾ ۽ جميله بوهيره ايئر فرانس جي دفتر واري هال ۾ رکي.

مقرر ڪيل نشانن منجهان ايئر فرانس جي آفيس وارو بم، ڪنهن فني خرابيءَ ڪري نه ڦاٽو، باقي ٻن

---

(١) السٽيئر هورن، امن کي وحشيان جنگ، تلخيص طاهر اسدي، اردو ڊائجيسٽ ڪراچي: سالنامون ١٩٨٠ع ص ٣٢٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻمن وڏي تعداد ۾ جاني ۽ مالي نقصان ڪيو، جنهن ڪري سيئي يورپي آباد ڪار خوفزده ٿي ويا، ايتري قدر جو انهن لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو، ان ڪار روائيءَ فرانسيسي حاڪمن کي وڏ يڪ ڇتو ڪري وڌو.

الجزائر جي آزاديءَ خاطر وڙهندڙ هزارين مردن ۽ عورتن سان هنن ٿنهي جو به تعلق هئو. جيڪي فرانسيسي آبادگارن ۽ فرانس جي سامراج سرڪار جي خلاف عملي جدوجهد ۾ مصروف هئا.

اڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن يورپي قومن هن ملڪ ۾ پنهنجون لالچي نظرون وجهڻ شروع ڪيون ته فرانسيسين الجزائرين کي تهذيب سيکارڻ واري دعويٰ سان هن ملڪ تي پنهنجا پير کوڙڻ شروع ڪيا. شروعاتي مرحلن ۾ آزاديءَ جي مجاهدن عبدالقادر جي اڳواڻيءَ ۾ ڌارين حملي آورن سان ۱۵ سالن تائين سخت مقابلو ڪيو. مجاهدن جي ان ڪارروائي کي روڪڻ لاءِ فرانسيسن بي انداز ظلم ڪيا. ڳوٺن جا ڳوٺ باهيون ڏيئي، مٽيءَ سان ملايا ويا ۽ سمورن ڳوٺ وارن کي ختم ڪيو ويو. هڪڙي ڳوٺ جا ۵ سوَ مرد عورتون ۽ ٻار فرانسيسين جي ظلم کان بچڻ لاءِ پر واري جبل جي غار ۾ وڃي لڪا. جڏهن فوج کي اها خبر پيئي ته انهن غار جي منهن تي گند جو ڍير گڏ ڪرائي، ان کي باهه ڏيئي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ باهه ۽ دونهين

جي پوسٽ ۾، سواءِ ڏهن ٻارڙن جي ٻيا سڀ جا سڀ ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا. (۱) عبدالقادر مسلسل جنگ جاري نہ رکي سگھيو. آخرڪار ۱۸۴۷ع ۾ هن هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ دمشق ڏانهن جلاوطن ٿي ويو تنهن بعد تہ الجزائر ۾ فرانسيسين زندگي جي هر شعبي مٿان مڪمل طرح قبضو ڪري ورتو. الجزائر جا ماڻهو ڇڙوڇڙ نموني ڌار ڌار گروپن جي صورت ۾ ڌارين سان مهاڏو اٽڪائيندا پئي آيا، پر اهو ڪو ايڏو زوردار ڪونہ هو، جنهن سان ڦورو حاڪمن جو ڪو وار ونگو ٿي سگھي.

الجزائر جي جدوجهد آزادي لاءِ ڪوشش ڪندڙ مختلف گروپن "اي- ايم- ايل" نالي متحده محاذ قائم ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ فرانسيسي اڳواڻ ڊيگال جنوري ۱۹۴۴ع ۾ الجزائرين خاطر اصلاحن جي اعلان ڪيو. پر اهي سڀ سهوليتون الجزائر کي فرانس جي ڪالوني جي حيثيت ۾ ڏنيون پئي ويون. تنهن ڪري انقلابين طرفان انهن کي مڪمل طور رد ڪيو ويو. ۽ آزاديءَ جي جنگ جاري رکڻ لاءِ نئين سر سانباها ڪيا ويا. ۸ مئي ۱۹۴۵ع تي "ستيين" شهر ۾ مظلوم الجزائرين، پنهنجي حقن خاطر وڏو تاريخي جلوس ڪڍيو. حاڪمن ان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حاڪمن ۽ محڪومن جو سڌو سنئون ٽڪراءُ ٿي پيو. فرانسيسن انڌا ڌند فائرنگ ڪئي ۽ فرانسيسي هوابازن

---

(۱) ايضا ص ۳۱۸

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاليھن ڳوٺن تي ھڪ ئي ڏينھن بمباري ڪئي. جنھن جي نتيجي ۾ پنجاھ ھزار کان متي ماڻھون اجل جو شڪار ٿيا. (٢) ان پيمانڪ واقعي کان پوء مقامي ماڻھن ۾ وڏيڪ جوش جاڳيو. نوجوانن ملڪ جي آزاديءَ خاطر سرڌڙ جي بازي لڳائڻ جو وچن ڪيو. ان واقعي کانپوء نه رڳو مرد بلڪ عورتون پڻ ميدانِ عمل ۾ نڪري آيون. آخرڪار اپريل ١٩٥۴ع ۾ انقلابين جي نون(٩) اڳواڻن تي مشتمل متحده ايڪشن ڪميٽي ”سي آر- يو- اي“ قائم ڪئي ويئي. انھن اڳواڻن ڪھڙا اجلاس ڪري مڪمل آزاديءَ جي خاطر آخري جنگ لڙڻ جو پروگرام مرتب ڪري ورتو.

پھرين نومبر ١٩٥۴ع کان جنگ آزادي جي شروعات ٿي. ھڪ ئي وقت ٧٠ مختلف جاين تي حملا ڪيا ويا. دفترن، ٽيلي فون، آفيسن، تار گھر ۽ ريڊيو نظام کي درھم برھم ڪيو ويو. (١) جواب ۾ فرانسيسي فوج شھري آباديءَ ۾ مسڪين ماڻھن تي لنگ ڪانداريندڙ ظلم ڪيا، ته جيئن الجزائري قوم نيست و نابود ٿي وڃي. ھو نه رڳو آباديءَ تي انڌا ڌنڌ بمباري ڪندا ھئا پر مجاھدن جي ڳولا ڪندي ڪندي، شڪي حالت ۾

---

(٢) ايضا ص ٣١٧

(١) بدر شڪيب، گوريلا جنگ، ڪراچي، عثمانيه اڪيڊمي، ١٩٦٥ع ص ١٢٥.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرانسيسي درندن ايذا تہ هولناڪ ظلم ڪيا، جو سنڌ ڏي ملڪ جا دانشور ۽ قانوندان سرڪار مٿان لعنت ملامت ڪرڻ لڳا. اهڙي ڏي هڪ قابل احترام قانوني ماهر عورت هئي، جنهن ڪي جميلہ جي بچاءَ خاطر، ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اپيلون ڪيون ويون. ان نيڪ بخت عورت، وڏين ڪوششن کان پوءِ الجزائر پهچي قانوني مشير جي حيثيت حاصل ڪري ورتي ۽ ڪيس جي صحيح طور ڪارروائي هلائڻ لاءِ سرڪار تي زوربار پيريو. ڪيس لاءِ جميلہ ڪيس پنهنجو بيان قلمبند ڪرائيندي ٻڌايو تہ ”هنن مونسان غير انساني ۽ وحشيانو سلوڪ ڪيو. انهن مون کي بجليءَ جا جهٽڪا ڏنا ۽ منهنجي منهن تي ٿڪون هنيون. هي وحشي منهنجي جسم تي شراب هاريندا هئا. منهنجي جسم تي دکيل سگريٽن جا ڏنڀ ڏيندا هئا ۽ پنهنجي ان عمل تي وڏا ٽهڪ ڏيندا هئا. هنن منهنجي ڇاتين سان بجليءَ جا اسڪاچ ٽيپ ٻڌي ڇڏيا ۽ پوءِ .... هاءِ ! .... هاءِ ! آهَ اوهان کي ڇا ٻڌايان. (١)

اهڙي ريت ظلم ۽ تشدد وسيلي جميلہ کي ڏوهہ قبول ڪرڻ ۽ پنهنجي ٻين ساٿين جي نالن ٻڌائڻ لاءِ تنگ پئي ڪيو ويو. پر ان بهادر عورت هر پيري کين اٿين چيو پئي ”مون جنهن صورت ۾ ڪوبہ ڏوهہ

---

(١) فرزانہ نصير ايضا ص ٩٤

ڪونہ ڪيو آهي، ان ڪري ڏوهہ جي اقرار ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿي سگهي. (١)

سامراجين جيئن جيئن ظلم ڪرڻ جا نوان نوان طريقا اختيار ڪيا، تيئن تيئن الجزائر جا مرد توڙي عورتون وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان ميدان عمل ۾ حصو وٺڻ لڳا. جنگي عمل دوران عورتون مجاهدن کي هٿيار ۽ بارود هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن پهچائينديون هيون. خفيہ پيغام پهچائڻ ۾ نهايت ڪارگر ڪم سرانجام ڏينديون هيون. گوريلن کي گهر ۾ پناهہ ڏينديون هيون. نہ رڳو ايترو پر هٿيار بند جنگ ۾ دوبدو مقابلو پڻ ڪيائون. ڪن موقعن تي تہ انهن مردن وانگر هٿوهٿ لڙائي ۾ پڻ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. آزاديءَ واري جد و جهد ۾ نہ رڳو الجزائر جي شهرن ۾ رهندڙ، پڙهيل عورتن بهرو ورتو، پر انهن سان گڏو گڏ ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ اڻ پڙهيل عورتن پڻ پنهنجو پاڻ ملهايو. اهي ٻهراڙيءَ جون عام عورتون، پنهنجي برقعن اندران ڪي اهم دستاويز ۽ ڪڏهن ننڍا ننڍا هٿيار پڻ کڻي، مجاهدن کي مختلف جاين تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪنديون هيون. انهن عورتن طرف فرانسيسي حاڪمن جو انڪري گهٽ توجهہ ويندو هو، جو سندن خيال ۾ الجزائر جون اهي عام اڻ پڙهيل ۽ساديون سباجهيون عورتون حريت

---

(١) فرزانہ نصير ايضا ص ٥٢

پسنندن سان شامل نہ هونديون.

الجزائر جي عورت ۾ آيل سجاڳيءَ واري لهر جو سهرو ليليٰ فاطمہ نالي ان بهادر عورت جي سر تي اچي ٿو، جنهن پهريون ڀيرو فرانسيسين سان مهاڏو اٽڪايو ۽ اهڙي ڏڍتائيءَ سان ڪم ڪندي رهي، جو فرانسيسين جو جنرل ”آربو“ ڪيس مسلسل هڪ سال جي ڳولا کان پوءِ گرفتار ڪري سگهيو. جيل اندر هن مٿان بي انداز تشدد ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ سال گرفتار رهڻ کان پوءِ، هوءَ جيل اندر ئي وفات ڪري ويئي. سندس تصوير، الجزائر جي قومي هيرن واري گيلري ۾ رکي ويئي آهي. ليليٰ فاطمہ کان پوءِ ساڳئي عمل لاءِ حاشيہ بن بوعلي ميدان عمل ۾ آئي، جنهن ليليٰ فاطمہ واري مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي. هوءَ فرانسيسي جابر فوج سان ”القبہ“ نالي شهر ۾ ”علي لحمان“ نالي نوجوان سان گڏ وڙهندي شهيد ٿي ويئي.

الجزائر جي جدوجهد آزادي ۾ جن عورتن عملي طرح حصو ورتو، تن منجهان ڪجهه اڃان تائين زنده آهن ۽ الجزائر جي تعمير لاءِ نئين حڪمت عملي سان جدوجهد ڪري رهيون آهن. انهن عورتن ۾ مسز رويضہ بن بو علي – مسز فاطمہ ازگين ۽ مسز بن حمزه مريم قابل ذڪر آهن.

مسز رويضہ بن بوعلي ١٩٥٥ع کان ١٩٦٢ع تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حريت پسندن سان انقلابي ڪمن ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو، ان جدوجهد دوران سندس ڏيءَ حبيبه بن بواميءَ کي فرانسيسين ماري وڌو، پر پوءِ به اها اٽل ارادي سان ثابت قدم رهندي، جدوجهد ڪندي رهي.

مسز فاطمه ازگين انقلابي خاندان سان واسطو رکندڙ عورت آهي، سندس دعويٰ آهي ته ڪيس انقلابي جنگ دوران اهڙا اهڙا ڪم به ڪرڻا پيا، جيڪي اڳ رڳو مرد ئي ڪري سگهندا هئا.

مسز بن حمزه مريم کي پڻ جدوجهد آزاديءَ ۾ حصو وٺڻ تي ١٩٥٧ع ۾ گرفتار ڪيو ويو، جيل اندر ڪيس ھلائي، ڪيس موت جي سزا ٻڌائي ويئي. سزا ملڻ وقت سندس عمر ١٧ سال هئي. ان وقت تائين الجزائر جي آزاديءَ واري تحريڪ ڪافي نمايان ڪاميابيون ماڻي حاصل ڪيون ۽ فرانسيسي سرڪار مسئلي جو ڪو حل ڳولڻ واري عمل ۾ رڌل هئي، اهڙي وقت ۾ هن بهادر ڇوڪريءَ جي موت واري فيصلي تي عمل ٿي نه سگهيو. آخرڪار هوءَ ملڪ جي لکين مردن ۽ عورتن جي آزادي ماڻڻ واري سونهري خواب پوري ٿيڻ کانپوءِ آزاد ٿي.

اهو الجزائر جي عورت جي همت، بهادري ۽ مردن سان گڏجي ڪيل جدوجهد جو نتيجو هيو، جو الجزائر کي جولاءِ ١٩٦٢ع ۾ مڪمل طور تي آزاد ڪيو ويو.

●—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انگولا جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢ مارچ ١٩٦٦ع تي پنج ڏي گوريلا عورتون ايم. پي. ايل. اي جي اترئين محاذ کان دشمن زائر جي علائقي ڪان ٽيندي، واپس اچي رهيون هيون ته هولڊن روبرٽو جي ايف. اين. ايل. اي انهن کي پڪڙي وٺو ۽ ڪين زائد ۾ موجوده ايف. اين. ايل. اي ڪين جي ڪئمپ ڪنڪوزم ڏانهن ٽي نهايت بي دردي سان قتل ڪيو ويو.

ڊيولنڊ اور ڊانگ، آرگنائيزيشن آف انگولن وويمن (انگولائي عورتن جي تنظيم او. ايم. اي)، عورتن جي تنظيم جي باني ۽ پين شهيدن "السريسيا" ارني، پرديسه ۽ "اينگريشيا" جي احترام ۾ هاڻ، ٢ مارچ انگولا جي "عورتن جو ڏينهن" مقرر ڪيو آهي.

انگولا جي آزاديءَ خاطر وڙهندي، هزارين عورتن سان انهن پنجن جو تعلق هيو، جي پهريان پرتگالين خلاف ۽ پوءِ آمريڪي سامراج جي پٺو ايف. اين. ايل. اي يونيٽا ۽ ڏکڻ آفريقا جي فوجين خلاف، هو بندوقون، ٽائيپ مشينن، ريڊيو سيٽن سان ترڪ ۽ ايمبيولنس ڊرائيورن طور، استادن، نرسن، آفيس ملازمن ۽ گڏوگڏ خفيه وڙهندڙ گوريلن طور پڻ وڙهيون.

١٨٥٨ع ۾ پرتگالين جي غلامن جي واپار واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتن جي معاملي ۾ ته وڏيڪ وحشي لڳندا هئا. عورتن مٿان ظلم ڪرڻ دوران هو انسانيت وارا سمورا ليڪا لتاڙي ويندا هئا. هڪڙو برطانوي آفيسر اي. جي سگنز جيڪو آفريقا ۾ پرتگالين سان مقابلي جو جائزو وٺڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. تنهن ١٩٠٠ع ۾ انگولا جي عوام مٿان ٿيندڙ ظلمن بابت جيڪا تحريري رپورٽ پيش ڪئي. ان ۾ جيڪي انڪشاف ڪيا ويا آهن، تن جي پڙهڻ سان شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جنهن جي دل منجهان درد پريون آهون نه نڪتيون هجن ۽ سندس لڱ نه ڪانڊارجي ويا هجن.

پرتگالين طرفان انگولا جي عوام کي هر طرف کان غلام رکڻ لاءِ، جيڪي مختلف ڪارناما سرانجام ڏنا ويا هئا، تن منجهان جهوپڙي ٽيڪس نالي هڪ نئين ٽيڪس جو نظام رائج ڪيو ويو هو، جنهن جي آڳاڙيءَ جو طريقي ڪار پڻ اهڙو مقرر ڪيو ويو هو، جنهن ۾ هر طرح سان ڏيهي ماڻهن جي عورتن کي ظلم جو نشانو بڻايو ويندو هو. مسٽر اي جي سگنز جي لکت موجب ”جهوپڙي ٽيڪس وٺڻ وارو طريقو انتهائي سادو هو. ٽيڪس وٺڻ وقت مسلح سپاهي چئوطرف موڪليا ويندا هئا. جيڪي رستي ۾ ملندڙ عورتن کي گرفتار ڪري وٺي ايندا هئا. قيد ٿيل عورتون سڄو ڏينهن پرتگالي چيف جي جهنگ ۾ ڪم ڪنديون رهنديون هيون ۽ رات جو کين جيل ۾ بند ڪيو ويندو هو. عام طور

شروع ڪيو، جنهن جو اندازو ان ڳالهہ منجهان لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ موقعي تي صدرا گستينو نيٽو چيو هو ”عورتن کي کپي تہ هو هٿيار هٿ ۾ کڻن. هڪ عورت اوترو ئي سٺو وڙهي سگهي ٿي، جيترو ڪو مرد وڙهي سگهي ٿو.“

ايڏي اهم مسئلي لاءِ ايم پي ايل اي طرفان ”ڊي او ايم“ نالي هڪ عوامي تنظيمن وارو ڪاٿو ڪوليو ويو. جنهن ۾ ”او ايم اي“ نالي عورتن لاءِ هڪ خاص تنظيم پڻ شامل هئي. پرتگالي سامراجين جي جبر ۽ ظلم هزارين عورتن خاص ڪري پورهيت عورتن کي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪري وڌو هو. اهڙي ريت هر روز هزارن جي تعداد ۾ عورتون ”او ايم اي“ تنظيم ۾ شامل ٿينديون ويون. هن تنظيم عورتن کي قومي، آزادي سماجي انصاف ٺوڙي عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ برابريءَ لاءِ گڏيل جدوجهد لاءِ چرپر ۾ آندو. ”او ايم اي“ عورتن کي انقلاب ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لاءِ تعليم ڏني ۽ ڪيتريون ئي عورتون ڇاپا مار فوج ۾ شامل ڪيون ويون. ڪيترين ئي عورتن مختلف طريقن سان انقلاب جي خدمت ڪئي. جاسوسي ڪرڻ ۽ دشمن جي چرپر بابت خبرون وٺي اچڻ واري ڪم ۾ عورتن وڏا ۽ اهم ڪارناما ڪري ڏيکاريا. اهڙي ريت مردن سان گڏجي مختلف معاملن ۾ هٿ ونڊائڻ سبب عورتن ۾ جا اڳ احساس ڪمتري هوندي هئي،

اها پوءِ خود اعتماديءَ ۾ تبديل ٿيندي ويئي. عورتن ۽ مردن وچ ۾ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ ۽ برابر ڄاڻڻ وارو لاڙو جنم وٺڻ لڳو. جنهن ڪري مرد ٺوڙي عورتون پاڻ کي هڪ ٻئي جو ساٿي ۽ مددگار سمجهڻ لڳا. اهڙي قسم جي تبديليءَ بابت ڊان بارنٽ لکي ٿو ” آزاد علائقن ۾ ’ايم بي ايل اي‘ جي ڪئمپن وارن بورچي خانن ۾ کاڌو پچائڻ وارو ڪم گهڻو ڪري مردن تي رکيل هوندو هو. حالانڪ ملڪي رواج موجب ماني پچائڻ جو ڪم مرد ڪونه ڪندا هئا.“ ”ايم پي ايل اي“ عورتن تي مردن هٿان ٿيندڙ ظلم کي ختم ڪرائي، مردن ۽ عورتن وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي هڪ جهڙائي وارا تعلقات پيدا ڪرڻ بابت ڪيترائي عملي قدم کنيا. تن منجهان هڪڙو هي به هيو ته هر ڪنهن ڪارڪن، لاءِ هڪ کان وڌيڪ شادي ڪرڻ تي پابندي لڳائي ويئي.

اهڙي قسم جي ماحول پيدا ٿيڻ سبب عورتون سياسي معاملن ۾ اڳتي وڌي آيون، جو انقلابي فوج جڏهن به ڪو علائقو پورچوگيزن کان آزاد ڪرائيندي هئي ته انقلابي ڪاميٽيءَ تيار ڪرڻ وقت عورتن جي پڻ هڪ ميمبرياڻي رکي ويندي هئي. انگولا جي عورتن ملڪ جي آزاديءَ واري عمل دوران مسلح جدوجهد، دشمن جي ڳولا، رابطي واري ڪم کان سواءِ سياسي معاملي ۾ پڻ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون. انهن

جدوجهدن دوران ماڻهن کي زراعت جا جديد طريقا ۽ صفائيءَ جا بنيادي اصول سيکاريا. انهن پڻ عورتن کي سياسي ۽ فوجي ليڊر بڻجڻ جي سکيا ڏني.

جنوري ١٩٦٨ع ۾ ”ڪابينده“ وارن اترين علائقن ۾ ”ايم پي ايل اي“ جي ڪانفرنس ۾ انقلابي پارٽي ناهڻ بابت زوردار بحث ٿيو. جنهن ۾ ڪجهه پڻ انقلابي سفارشن بسان گڏوگڏ اها پڻ سفارش ڪئي ويئي ته ڪارڪنن جي نظرياتي تعليم لاءِ مختلف جاين تي اسڪول قائم ڪيا وڃن. ان سلسلي ۾ آگسٽ ١٩٦٨ع ۾ اوڀر وارن علائقن جي ڪانفرنس ۾ پڻ مٿين سفارش جي زوردار پٺڀرائي ڪئي ويئي. اهڙي ريت ”ايم پي ايل اي“ هرهنڌ انقلابي تعليم لاءِ (سي- آءِ- آر) نالي سان مرڪز قائم ڪيا. جن ۾ بنيادي تعليم سان گڏوگڏ انگولا جي سماج ۽ ٻي دنيا جي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ انقلابي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ويئي. انهن اسڪولن ۾ نوجوانن ۽ پوڙهن سان گڏوگڏ عورتن به ڀرپور حصو ورتو.“

لوئيس انگلز ”او ايم اي“ جي اڳواڻ برازيل ۾ عورتن جي تنظيم وارو ڪم ڪرڻ کان اڳ اوڀارين محاذ تي ڪيتري وقت تائين گوريلا اڳواڻ رهي.

پاڊولينه کي جنهن ١٩٦٨ع ۾ ”ايم پي ايل اي“ جي اوڀارين محاذ ۾ شموليت خاطر پنهنجي مڙس ۽ ڇهن ٻارن سان گڏ هڪ ننڍي ٻيڙيءَ ۾ ”زمبيري“ نالي درياهه پار ڪيو. پرتگالي هيلي ڪاپٽرن ۽ بمبارن جي

آزاديءَ لاءِ ٻي جنگ ۱۹۷۵ع جي بهار ۽ خزان واري موسم ۾ شروع ٿي. جنهن ۾ جنگ جي سمورن محاذن تي ”ايف. اي. پي. ايل. اي“ (ايم. پي. ايل. اي جو فوجي شعبو) جا عورتن وارا فوجي دستا پڻ موجود هئا، جيڪي نوجوان ڇوڪرين تي مشتمل هئا.

”ايف. اي. پي. ايل“ سان گڏوگڏ عورتن عوامي مليشا (عوامي دفاع جي تنظيم) ۾ پڻ حصو ورتو. انهن مردن سان گڏجي فوجي تربيت حاصل ڪئي، پوءِ فيڪٽرين ۽ آفيسن ٻاهران باقاعدي حفاظتي جوابداريون سنڀاليون. ٻئي عوامي جنگ سبب سامراج طرفان ڀڙيان ٻنهنجي دلالن جي تعاون سان عبوري حڪومت ٺهرائي. جنهن تي ”يو. پي. اي“ ۽ يونيٽا جهڙين قوم دشمن ۽ ديسي دلال تنظيمن طرفان آگسٽ ۱۹۷۵ع ۾ حملو ڪرائي، عبوري حڪومت جو خاتمو آندو هو. جنهن تي انقلابين ٻيهر جنگ آزاديءَ کي تيز ڪري ڇڏيو. آخرڪار سيپٽمبر جي آخري ۾ ڇتي جنگ سبب سامراجين کي انگولا جي عوام اڳيان گوڏا کوڙڻا پيا ۽ انگولا کي مڪمل طرح آزادي نصيب ٿي. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بنگلاديش جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنگال جي عورت جي آزاديءَ جو داستان دنيا جي ٻين ملڪن جي داستانن کان بلڪل جداگانه حيثيت رکي ٿو. ۱۹۳۰ع ۾ انگريزن خلاف هن ملڪ اندر نهايت سخت گوريلا ڪارروايون شروع ٿيون، جن ۾ بنگال جي نياڻين "ڪلپنادت" "چڪرورتي" ۽ "پريتي" ڀرپور حصو ورتو. انهن نه رڳو انقلابي دستن جي مدد ڪئي، پر پاڻ به عملي ميدان ۾ آيون ۽ ڪيترين جاين تي دوبدو جهڙپن ۾ حصو ورتائون. اهو سلسلو ۱۹۳۷ع ۾ ڪانگريس وزارت جي وجود ۾ اچڻ تائين قائم رهيو. ۱۹۴۱ع جي آخر ۾ جڏهن بنگال جي چٽگانگ واري حصي تي جپانين جي حملي جو خطرو نظر اچڻ لڳو تڏهن اتان جي عورتن ذاتي بچاءَ لاءِ خاص انجمنون قائم ڪيون ۽ جپانين خلاف پروپيگنڊا واري ڪم کي تيز ڪيو" (۱)

ورهاڱي تيڻ تائين سماجي طور تي بنگالي عورت ڪافي اڳتي وڌي آئي. دريائي ملڪ هئڻ ڪري عورت مرد کي پاڻيءَ وارن ڪمن، جهڙوڪ: ٻيڙيون ڌڪڻ ۽ مڇيون مارڻ واري ڪم ۾ مردن جي مدد ڪنديون

---

(۱) ڪلپنات، چٽگاڻون کے انقلابی، مترجم رضيه سجاد ظهير لاهور: مڪتبه جاويد، ۱۹۷٦ع ص ۱۳۲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪئي، تنهن ۾ اتان جي عورت مردن جو ڀرپور ساٿ ڏنو. اهو سلسلو ان وقت تائين هلندو رهيو، جو وقت جي حاڪم ٽولي عوامي آواز کان لاچار ٿي، ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. چونڊن واري پروگرام ۾ هتان جي عوام کي پنهنجي قسمت جي فيصلي ڪرڻ جو پهريون ۽ آخري موقعو مليو. جيڪو هنن ماڻهن ۾ ڪنهن به قيمت تي هٿان وڃائڻ نه پئي چاهيو- سندن ان قومي وجود جي بحاليءَ واري جنگ ۾ بنگالي عورت سندن ڀرپور ساٿ ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ عوامي ليگ کي ڀرپور ڪاميابي نصيب ٿي. ڪاميابي به اهڙي جو ملڪ اندر مجموعي طور واضح اڪثريت حاصل ڪري ورتائينءَ.

هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته ملڪ جو ورهاڱو مذهب جي نالي ۾ ڪرايو ويو هو. انڪري حاڪم ڌرين طرفان بعد ۾ ٿيندڙ هر ڪارروائي لاءِ مذهب کان ئي مدد ورتي ويئي. انڪري مذهبي پرچار جي ڪري جاگيردارانه سماج وارن طور طريقن ۽ رسم رواج کي هتي پئي مليو. جنهن سان هتان جي عورت جا اڳ ئي مشرقي تهذيب سان لاڳاپيل هئي، سا اهڙي پرچار جي اثر هيٺ، ڪنهن به ڪامل محاذ تي عملي حصو نه وٺي سگهي.

پر پوءِ اليڪشن ۾ واضح سوپ حاصل ڪرڻ کان بعد جڏهن هتان جي عام راءِ کي نظرانداز ڪيو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و يا هئا، تنهن ڪري ساڳي ئي ڏينهن گرفتاريءَ کان ڪجهه وقت اڳ، هن پنهنجي گهر ڀاهران گڏ ٿيل ميڙ ۾ تقرير ڪندي چيو "مهان قربانيءَ جو وقت اچي ويو آهي. ٢٧- مارچ تي مان توهان کي نئون سنديش ڏيندس، پر جي مان ڪن سببن ڪري جنتا جي سامهون نه اچي سگهان ته سونار بنگلا جو سپنو ساڪار بنائڻ لاءِ، اسان جي جدوجهد طوفان جو روپ وٺي، سڄي ديس ۾ پکڙجي وڃڻ گهرجي". (١)

ان ڏينهن کان پوءِ هن ملڪ جي ماڻهن خاص طور تي عورتن سان جو ڪجهه وهيو واپريو، تنهن چنگيز خان ۽ هلاڪوءَ جي ياد تازي ڪرائي ڇڏي. ڪار روائي شروع ٿيڻ کان پوءِ عورتن سان انسانيت کان ڪريل اڻوڻتون ڪيون ويون، کين زوريءَ گهرن مان ڪڍي سنڌن لڄ لٽي ويئي. ايتري قدر جو نابالغ ڇوڪرين کي پڻ هوس جو شڪار بڻايو ويندو هو. ننڍين ننڍين نينگرين جي ٽولن جي صورت ۾ گڏجي عصمت دري ڪئي ويندي هئي تنهن بعد کين شرمناڪ طريقي سان قتل ڪيو ويندو هو. ڀيڻن ۽ ڀائرن اڳيان عورتن جي بي حرمتي ڪري، پوءِ کين موت جي منهن ۾ ڌڪيو ويندو هو.

---

(١) هروائي، حشمت، پاڪستان ڪالهه ۽ اڄ. احمد آباد: سنڌو پبليڪيشن. ١٩٧٣ع ص. ١٤٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو پادريءَ جان هيسٽنگون جيڪو بنگال ۾ ويهه سال رهيو هو. هن جو چوڻ آهي ته ”مون کي پڪ آهي ته سپاهين ننڍڙن ٻارن کي هوا ۾ اڇلائي سنگينن ۾ ڏنو آهي ۽ ڇوڪرين سان بار بار زنا ڪري کين ٽنگن جي وچ ۾ سنگينون ٽنبيون آهن“. (١)

اهڙين ڪاروائين لاءِ اڪسائڻ جي سلسلي ۾ ان وقت بنگال اندر فوج جي اڳواڻي ڪندڙ جنرل نيازيءَ جون هيٺيون هدايتون شرمناڪ حد تائين قابل مذمت آهن. هو ان ڳالهه جو برملا اظهار ڪندو هو ته ”اوڀر پاڪستان کي پاڪستان بنائڻ لاءِ اسان کي، هتي پنهنجو پورو نسل پيدا ڪرڻو پوندو. جنهن ۾ اوڀر بنگال جي هندن بجاءِ، اولهه پاڪستان جي مسلمانن جو خون شامل هجي. هتان جي سر زمين وانگر، هتان جون عورتون به ڏاڍيون زرخيز آهن، اسان ڪوشش ڪيون ته هتي جلدئي اهڙو فصل پوکي سگهون ٿا، جيڪي خالص پاڪستاني هجن. پوءِ ڪڏهن به اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ جو سوال پيدا ڪونه ٿيندو.“ جنرل صاحب پنهنجي گهربل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فوج ۾ جيڪو رجحان پيدا ڪيو، تنهن جي ڪجهه جهلڪ بنگلا ديش جي زوري

---

(١) پليجو، رسول بخش، جيڪي بنگال سان ٿيو
حيدرآباد: سنڌي عوامي ڪتاب گهر- سن ١٩٧٣ع
ص ٨٩.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲. ٻوڪو ڏيئي، سک جو ساهہ کڻڻ جي ٻهاني عام معافيءَ جو اعلان ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ جيئن ئي ماڻهو گهرن ڏانهن ورندا هئا، تہ کين گرفتار ڪيو ويندو هو. ”گووند“ نالي هڪ هندو، جنهن اهري عام معافي واري خوشخبري ٻڌي، سو پنهنجي ٻن نينگرين کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر ڏانهن واپس وريو. هو خوني ماحول ۾ رت پيل ڌرتي لتاڙيندو، جڏهن پنهنجي گهر ويجهو پهتو، تڏهن اوچتو سپاهين کيس جهلي ورتو ۽ پوءِ هن جي سامهون سندس ٻنهي ڌيئرن جي لڄ لٽي ويئي بار بار - ڪيئي بار. (۱)

فوجن جي اهڙين درندگيءَ وارين ڪاروائين، اتان جي عورتن جي دل ۾ اهو احساس پيدا ڪيو تہ هو ڇوٽڪاري واري جنگ ۾ وڌيڪ گرم جوشيءَ سان ڀرو وٺن. اهڙي ريت هندستاني صحافي خشونت سنگهہ جنهن جنگ دوران اتان جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو هو ان جي بيان موجب ”بنگال جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ فوج ”مڪتبي باهمي“ جنهن کي اڳتي هلي ”عوامي فوج آزادي“ ۾ تبديل ڪيو ويو هو، تنهن جي هڪ لک پنجاهہ هزار فوج ۾ مردن سان گڏ عورتون پڻ شامل ٿي ويون“. (۲) بنگال جي انهن

---

(۱) پليجو، رسول بخش، جيڪي بنگال سان ٿيو. ص ۱۹.
(۲) خشونت سنگهہ. اڇهي لوگ، بري لوگ لاهور: مڪتبہ سعر و ادب؟ ص ۲۳.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ته ”سپاهين سندس اکين آڏو ٻهريان هن جا ٻار ماريا ۽ سندس مٿان گوليون هلايون، ان وقت هڪ ٽيج ٻڍاڪ ٻار هن پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو هو. گولي هن جي معصوم جي پٺيءَ مان پار ٿيندي، هن جي ٻانهن مان لنگهي ويئي. تنهن بعد هوءَ بي هوش ٿي ويئي، جڏهن هوش ۾ آئي، تڏهن پاڻ کي رت ۾ ٻڏل ڪيترن ئي لاشن وچ ۾ ڏٺائين.“ (۱)

هڪ ٻي حامله عورت کي جان بچائڻ خاطر لڪندي، ستر ۾ گولي لڳي ويئي ۽ سندس هڪ ٽنگ بيڪار ٿي پئي، ان حالت ۾ هن سارين جي ٻوڪ ۾ وقت ڪاٽ اکيون ٻار ڄڻيون ۽ پوءِ سامت ۾ اچڻ بعد هڪ هٿ سان ٻار کي سيني سان لڳائي رکيائين ۽ ٻئي هٿ سان ڪرڪنا ٽيل ستر کي ٽيڪ ڏيئي، پناهه واري جاءِ تي پهتي.

بنگال ۾ جڏهن فوجي ڪارروائي تيز ٿي ويئي ۽ هر ماڻهو گوليءَ جو شڪار ٿيو پئي، تڏهن ڪن ماڻهن اهو خيال ڪيو ته ان کان بچڻ لاءِ وڏن آفيسرن سان چاڻ سڃاڻ ڪجي ۽ گهر جي عورتن کي سندن عيش پرست هٿن ۾ ڏيئي جان بچائجي اهڙي هڪڙي گهراڻي سان فوج جي هڪ اعليٰ آفيسر صديق سالڪ

(۱) پاڻيجو رسول بخش ايضاً ص ۸٦

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پڻ واقف ڪرايو ويو. گهر جو مالڪ ڪيس گهر وٺي ويو. جتي سندس نوجوان زال سالڪ صاحب جي آجيان ڪئي. ڊرائنگ روم ۾ سندس خاطر ڪئي ويئي. ڪجهه دير ڪانپوءِ گهر مالڪ انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل منجهان ڪنهن مهمان کي وٺي اچڻ جي بهاني زال کي فوجي آفيسر سان اڪيلو ڇڏي پاڻ هليو ويو. اهڙي افراتفريءَ واري صورتحال جنهن ۾ هرڪو جان بخشيءَ لاءِ آتو هئو، اهڙي ماحول ۾ ان گهر مالڪ جي زال جنهن همت سان فوجي آفيسر سان ڳالهايو. سا ڳالهه هر محب وطن لاءِ مثالي حيثيت رکي ٿي. صديق سالڪ پاڻ لکي ٿو. ”مون سوچيو ته چو ته مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري وٺجن، انڪري مون ڳالهه ٻولهه جي شروعات ۾ معذرت ڪندي چيو ”مونکي افسوس آهي جو ڪالهه رات اوهان جي پاڙي ۾ ........“ ان چاقوءَ وانگر منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو ”لا تعداد عورتن تي مجرمانه حملو ڪرڻ ذاتي ملڪيت کي بيدرديءَ سان تباهه ڪرڻ ڪانپوءِ، هاڻ اوهانجو افسوس وارو احساس جاڳيو آهي“ مون ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ طوفان وانگر چوندي ويئي ”توهانکي پنهنجي ڪارگذارين تي شرم اچڻ گهرجي. مونکي خاڪيءَورديءَ جي هڪڙي ٽڪر کان نفرت آهي، وحشت پڻو هر فوجيءَ جي منهن مان ظاهر آهي

گذريل رات منهنجي پيءُ جي گهر ۾ گهڙي هر شيءِ
تهس نهس ڪري ڇڏي." (۱)

حق ۽ ناحق جي ان ڪارروائي ۾ هڪ اندازي موجب اٽڪل ٻه لک عورتن سان زوري زنا ڪئي ويئي. اهي صرف انهن عورتن جا انگ اکر آهن، جي زنده بچي ويون. نه ته حقيقت ۾ اهو تعداد اڃان به وڌيڪ هوندو. ڇاڪاڻ ته ڪيترديون ڇوڪريون ماريون به ويون- جيڪي زنده بچي ويون، تن کي مسلمانن واري رسم موجب پليت (ڪاري) ٿيل سمجهي ڌڪاريو پئي ويو. حالانڪ انهن معصوم نياڻين جو ته ڪوبه قصور ئي ڪونه هيو. انهن سان ته زور زبردستي ڪئي ويئي هئي،

ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ عورتن پنهنجي ايسوسيئيشن تيار ڪري پنهنجي مظلوم هئڻ جا ثبوت ڏيڻ شروع ڪيا ۽ نفرت ڪندڙ مردن کني اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائون ته هي سڀ ڪجهه قومي ننگ ۽ ناموس جي ڪري ٿيو آهي، ان ڪري اسين بي قصور آهيون. هنن نئين سرڪار کي پڻ اهڙيون اپيليون ڪيون، جنهن عوام منجهان اهو رجحان ختم

(۱) سالڪ صديق ميں نے ڈاکا ڈوبتے دیکھا. لاهور- قومی پبلشر ۱۹۸۱ع ص ۱۰۳-۱۰۴

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائڻ لاءِ سرڪاري طور تي ظاهر ڪيو تہ ” اهي ظلم جون شڪار ٿيل عورتون آهن، سنڌن درجو قومي سورمين وارو آهي تنهنڪري، انهن کي پنهنجو بنائڻ اوهانجو قومي فرض آهي.●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چين جـي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيم جي نشي ۾ الوٽ چيني قوم، جنهن آفيم جي آسري تي قومي وجود کي وساري ڇڏيو هو. سندس جياپي جو سهارو ٿي آفيم بڻجي چڪو هو. ايتري قدر جو قومي وجود جي جنگ ڪندڙ درد مندن کي پهريان ڪيئي حملا چين ڏانهن ايندڙ آفيم جي جهازن تي ٿي ڪرڻا پيا، جنهن ڪري تاريخ ۾ انهن جنگين جو نالو ئي آفيم واريون جنگيون پئجي ويو. چين تي ڪيئي صديون اڳ کان 'منگ' ۽ پوءِ 'منچو' خاندان جون بادشاهتون هلنديون پئي آيون. انهيءَ بادشاهت واري دور ۾ ئي يورپي قومن آهستي آهستي ڪري چين اندر پنهنجا خوني چنبا ڦهلائڻ شروع ڪيا. پهريان پرتگالي پوءِ اسپيني آيا، جن مقامي ماڻهن کي تماڪ ۽ آفيم جو موالي ڪري نهوڙيي وڌو، ملڪ کي پنهنجي اثر هيٺ رکڻ لاءِ قتل ۽ غارت گري جي شروع ڪرائي. پوءِ ڊچ آيا جن پڻ ساڳيو ڪاروبار جاري رکيو. ارڙهين صديءَ ۾ انگريزن هندستان جي ڪجهه حصن تي قبضو ڪري ورتو ته ڪين چيني واپار کي قبضي هيٺ رکڻ ۾ آسانيءَ ٿي پيئي ۽ آفيم جي واپار کي انگريزن پنهنجي هٿ هيٺ ڪري ورتو. مقامي حڪومت ان کي غير قانوني قرار ڏيئي ڪاروبار کي بند ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پئين خرابين خلاف آواز بلند ڪيو.“ (١)

”مختلف ملڪن پاران پنهنجي پنهنجي مفاد خاطر چين جي سر زمين کي والاري قبضي هيٺ ڪرڻ واري پاليسي کي ڏسندي، جپان پنهنجي مضبوط ۽ مستحڪم حاڪميت لاءِ ١٨- سيپٽمبر ١٩٣١ع تي بغير اعلان ڪرڻ جي چين مٿان حملو ڪري ڏنو.

ان حملي بعد ملڪ جي هلندڙ ”ڪومن تانگ“ سرڪار، جنهن جو پڻ انقلابين ڏانهن اکيون رويو نه رهيو هو. تنهن ڪري جڏهن سامراجين ۽ سندن مقامي دلالن سان وطن دوست انقلابين جو ڪيترن ئي هنڌن تي جهڙپون ٿينديون هيون ته سرڪار پڻ ڌارين جي دلالن جو ڪم ڏيندي هئي.

ان وقت انقلابي پارٽيءَ جيڪي جنگي تربيت واريون ڪئمپون قائم ڪيون هيون، تن ۾ عورتون پڻ شامل ٿي جنگي سکيا وٺنديون هيون. انهن سکيا وٺندڙ عورتن مان ”لينؤ خولان“ جو نالو مثال طور بيان ڪرڻ جهڙو آهي، جنهن ماءُ پيءُ جي مرضيءَ خلاف چوريءَ وڃي انقلابي فوج سان سات ڏنو، سکيا حاصل ڪئي ۽ انقلابي پارٽيءَ ۾ داخل ٿي ويئي. نوجوان ڇوڪريون اڪثر ڪري اعلي ۽ دلپسند شاديءَ جي سلسلي ۾ وڏيڪ سنجيده

---

(١) سلامت الله، نياچين، دهلي: انڊين لٽريچر سوسائٽي ١٩٥١ع ص ١٤٦.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زمبابوي جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمبابووي جنهن کي گذريل سو سالن کان روڊيشيا سڏيو ويندو هو، تنهن جو ١٩٨٠ع کان پوءِ دنيا جي نقشي تي پهرين اڳوڻو نالو زمبابووي بحال ٿي ويو.

آفريڪا جي ڏکڻ واري حصي ۾ واقع، هن ملڪ جون سرحدون زيمبيا، موزمبيق، انگولا ۽ تنزانيا سان ملنديون آهن. معاشي لحاظ کان هي ملڪ آفريڪا جي شاهوڪار ترين ملڪن مان هڪ آهي. هي ملڪ اڪيچار معدني شين سان مالا مال هئڻ ڪري وڏو دولتمند آهي.

هڪ سؤ سال اڳ هڪ انگريز واپاري ”روڊس“ هن ملڪ جي قبائلي حاڪمن جي اجازت سان ملڪ ۾ واپار جون ڪوٺيون قائم ڪيون، اهڙي ريت آهستي آهستي هن پنهنجا پير پختا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ هڪ ڏينهن، فوج جي مدد سان، هن ملڪ تي قبضو ڪري، وڏي تعداد ۾ انگريزن کي اتي آباد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ هن ملڪ کي پنهنجي بيٺڪ بنائي ملڪ جي زرعي ۽ معدني معيشت تي قبضو ڪري ورتو. اهڙي طرح هي ملڪ ان قابض جي نالي پويان، زمبابووي بجاءِ روڊيشيا سڏجڻ لڳو.

هن ملڪ آزاديءَ جي باقاعدي مسلح جدوجهد ١٩٧٢ع کان شروع ڪئي، جنهن کي دبائڻ لاءِ سامراجين

نيڪ نيتيءَ ۽ نيڪ ارادن جو يقين ڏيارڻ تڏهن هن اسان کي اڏي جي ڪمانڊر جي حوالي ڪيو. ان اڏي ۾ سمورا وڙهندڙ نوجوان هئا، انهن ۾ گهڻو ڪري نابالغ هئا جيڪي تمام خوش هئا ۽ انهن کي "اين سمت" جي سڪيورٽي فورس جي تہ برابر بہ پرواهہ ڪانہ هئي. اڏي جو ڪمانڊر جيڪو بلڪل ننڍي عمر وارو نوجوان چوڪرا هيو. هن اسان کان زيڊ. اي. اين. ايل. اي ۾ شموليت جي خواهش جا سبب پڇيا. تفصيلي پڇا ڳاڇا ۽ تسلي ڪرڻ کانپوءِ اسان کي آزاديءَ جي سپاهين ۾ شامل ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت اسانجي جڳن جي خواب جو پورائو ٿي ويو.

شروع ۾ اسان ڪافي مايوس ٿياسين، چو تہ ساٿي اسانکي بندوق جو استعمال سيکارڻ ۾ سستيءَ کان ڪم وٺي رهيا هئا. هو اسان جي جاگيردار خلاف وڙهڻ واري جذبي ۽ هٿيارن جو استعمال سکڻ واري شوق کان وڌيڪ اسانجي نظرين ۽ تڪليفن سهڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندا هئا، ڪيترن هفتن تائين اسان واري جاگيردار خلاف شڪايتن جو تجزيو ڪيو ويو ۽ اسان کي سمجهايو ويو تہ سياسي شعور کي فوجي عمل تي برتري حاصل آهي.

سياسي تعليم ۽ تربيت کان پوءِ ساٿين اسان کي گوريلا جنگ جي سختين، حڪمت عملي ۽ دشمن کي دوکو ڏيڻ کان واقف ڪرايو.

عمل جي ڪري ڏي ڇڏين عورتن پڻ عمل ۾ ڀرپور ورتو ۽ اهڙي ريت ملڪ جي آزاديءَ جي گڏيل جدوجهد هلائڻ شروع ڪيائون. جنهن جي نتيجي ۾، سمٿ سرڪار، قومي جدوجهد اڳيان گوڏا کوڙي، ڊسمبر ۱۹۷۹ع ۾ چونڊون ڪرايون، جنهن ۾ زمبابووي عوام جي محبوب اڳواڻ مسٽر موگابي جي پارٽي PF Zanu ۸۰ سيٽن مان ۵۷ سيٽون کٽي نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي. اهڙي ريت اٺن سالن کان هلندڙ اها آزاديءَ جي جنگ زمبابووي عوام کٽي ورتي ۽ هن ملڪ کي ۱۷ اپريل ۱۹۸۰ع تي مڪمل طور آزادي ملي.●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فلسطين جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گهرن کان بي گهر ٿيل، وطن کان ڌي جلاوطن ٿيل، هي مظلوم فلسطيني، جي ڪيترن سالن کان هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ پٽڪندا رهن ٿا. سندن ڪوبه مددگار ڪونهي ۽ سڄي دنيا جا رولو يهودي اسرائيل جي روپ ۾ سندن زمين پيلي رهيا آهن، ۽ سندن رت چوسڻ لاءِ هر وقت آتا رهن ٿا. يهودي جن کي سامراجي طاقتون پنهنجي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان ڀرپور ساٿ ڏيئي رهيون آهن ۽ هي پنهنجي معمولي وسيلن جي سهاري، وطن سان محبت واري ايماني قوت سان ان پوري تي مهاڏو اٽڪايو بيٺا آهن ته هڪ نه هڪ ڏينهن آخرڪار سندن سوپ ٿيندي. ان قومي جنگ ۾ مرد ۽ عورتون ٻار ته ٻيدا ڀرپور حصو وٺي رهيا آهن. ڪارروائيءَ جي شروعاتي مرحلن ۾ هتان جي عورت به ”خدا جي رضا“ ۽ ”الله جي ڏمر“ جهڙن محاورن ۾ منجهيل هئڻ ڪري وطن جي بچاءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور بهرو ڪونه پئي ورتو. پر پوءِ وطن جي بچاءَ خاطر جيڪي شروعاتي ڪوششون ٿيون، تن ۾ ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرين ڀرپور حصو ورتو. انهيءَ اوائلي دور ۾ ”زرقا“ پهرين ڇوڪري هئي، جنهن فلسطيني نوجوانن سان گڏجي ملڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ ۾ پٽيءَ ۾ ٽنبيندا هئا، (١)

اهڙي ريت ظلم ڪندي، مظلومن جو رت چوسيندي ١٩٤٨ع ۾ انگريز حاڪم فلسطين جون واڳون پنهنجي روحاني اولاد يهودين جي حوالي ڪيون، جنهن ساڳي ريت انگريزن واري سلسلي کي جاري رکيو ۽ فلسطين کي مڪمل طور قبضي هيٺ آڻي اسرائيل نالي نئين ملڪ جو اعلان ڪيو جيئن ته سڄي دنيا ۾ يهودين جي وڏي آبادي هئي، تنهنڪري هر طرف کان اسرائيل جي فائدي ۾ آواز بلند ٿيڻ شروع ٿيا، وڏين طاقتن مان آمريڪا ۽ برطانيا پاڻ اهو ڪم شروع ڪرايو هو، باقي هيو روس تنهن به پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ دنيا جو هي پهريون ملڪ هيو، جنهن سڀ کان اڳ هن فاشي ملڪ کي تسليم ڪيو. عالمي سطح تي وجود بحال ٿيڻ مان فائدو وٺي، هنن مقامي ماڻهن کي جبرن جلاوطن ڪرڻ شروع ڪيو، بي هٿيار ماڻهن کي بي دردي سان ماريو ويو آ، اهو سلسلو مختلف وقتن تي ورجايو ويو.

آخرڪار جڏهن کان اسرائيل اولهه واري ڪناري ۽ غزه واري علائقن تي ١٩٦٧ع ۾ قبضو ڪيو ته فلسطيني عورتن فلسطين جي حق خودارادي ۽ يهوديت جي خلاف جدوجهد ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. تمام گهڻيون عورتون پردو ڇڏي تمام ڏکيو سفر ڪري

---

(١) ايضا ص ٢٠

جلاوطن ٿي آيون پر ديدار عرب عورت ۽ گوشي نشين فلسطيني عورت، هاڻ شيئي کي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪڙو ڏکيو سفر طئه ڪريو آهي.
۱۹۶۷ع ۾ هڪ بهادر عورت مڙس جي شهادت کانپوءِ، خوشيءَ سان جوش منجهان پنهنجي پنجن ڌي پٽن کي گوريلن سان گڏ رهڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو. جن منجهان سيني کان ننڍو جنگ ۾ شهيد ٿي ويو ۽ باقي پٽن کي يهودين قيد ڪري ورتو. دشمن جي ان عمل ڪري، ان بيباڪ عورت جي دل ۾ وڌيڪ جوش جاڳيو ۽ شيني ۾ نفرت جي باهه وڌيڪ ڀڙڪڻ لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ پاڻ گوريلن جي دستن ۾ شامل ٿي ويئي. ۽ هن ان ڳالهه جو اعلان ڪيو ته ”جيستائين اسان جو وطن آزاد نٿو ٿي وڃي. مان هر حالت ۾ گوريلن سان گڏ وڙهندس“ (۱).

هڪ ٻي فلسطيني عورت کي جڏهن معلوم ٿيو ته سندس مڙس جنگ ۾ شهيد ٿي ويو آهي، ته ان پنهنجي اڪيلي پٽ کي گوريلا فوج ۾ ڀرتي ڪرائي ڇڏيو. جڏهن دشمن کي معلوم ٿيو ته ”اها عورت ڪنهن گوريلي جي رشتي دار آهي، تڏهن ڪيس مختلف قسمن جون ڌمڪيون ڏنيون. پر ان بهادر عورت جو ارادو اٽل هو. هوءَ انهن ڌمڪين کان نه ڊني ۽ پنهنجي

(۱) محمد اڪرم. ”عرب گوريلا خواتين“ هفته روزه سنگت ڪوئٽه ۳۰ نومبر ۱۹۷۲ع ص

ڦُن ڏيئرن کي ساڻ وٺي پاڻ به حريت پسندن سان شامل ٿي ويئي. ان وقت سندس عمر ۵۳ سال هئي." (۱)

فلسطين جي قومي حقن جي حاصلات واري جدوجهد ۾ فلسطيني عورتن جي شامل ٿيڻ جي تاريخ ۱۹۲۶ع کان شروع نه ٿي ٿئي ۱۹۲۹ع ۾ شهرن جي وچولي گهراڻن جون هزارين عورتون يروشلم ۾ گڏ ٿيون ۽ انهن عورتن جي پهرين ڪانفرنس منعقد ڪئي ۽ برطانوي هاء ڪمشنر ڏانهن هڪڙو وفد به موڪليو، جنهن مطالبو ڪيو ته فلسطين ۾ يهودين جي آبادڪاري کي روڪيو وڃي. نو آبادياتي دور ۾ عورتن سامراجين کي تمام گهڻيون اپيلون ڪيون. هو يهودين ۽ انگريز سامراج خلاف جنگ ۾ شهيد ٿيندڙ ۽ قيد ٿيندڙ خاندانن جي امدادي مدد ڪنديون رهيون. هاڻ فلسطيني پوڙها پهرين ۳۹-۱۹۳۶ع واري فلسطيني بغاوت ۾ پوڙهيت عورتن جا داستان ٻڌائيندا آهن ته ڪهڙي نموني عورتن پنهنجي پائرن، مڙسن ۽ پٽن جي لاء اسلح خريد ڪرڻ خاطر پنهنجا زيور وڪيا. گوريلا جنگ ۾ حصو وٺندڙ گوريلائن کي کاڌو پهچايو، زخمين جي سار سنڀال لڌي ۽ ڪيترن وقتن تي سڌو سنئون هٿياربند جنگ ۾ پڻ حصو ورتو. انهن پنهنجي جان خطري ۾ وجهي اسرائيل جي فوجي چرپر جون خبرون حاصل ڪري، گوريلن کي پهچايون. ڪن محاذ تي وڏيل حريت پسندن جي

(۱) ايضا

حفاظت ڪئي ۽ خاص ڪري زخمين جي ڪن عورتن گوريلن جا ننڍا ننڍا ڪم پنهنجي ذمي کنيا جهڙوڪ: ڪپڙا سبڻ، ڌوئڻ، سنڌن عزيزن ۽ گهر ٻار کي خط لکڻ وغيره وغيره.

تقريباً ٥٠٠٠٠٠ فلسطيني کي سندن گهرن مان ڪڍڻ کانپوءِ ۽ ١٩٣٨ع ۾ اسرائيلي رياست جي قائم ٿيڻ کان بعد عورتن سماجي بهبودي ۽ جا ڪيترا ئي گروپ قائم ڪيا. حب الوطني واري جذبي تحت انهن پناهگيرن غريبن ۽ يتيمن جي مشڪلاتن ۾ هٿ ونڊائڻ جي ڪوشش ڪئي. ١٩٥٠ع جي ظلمن ۽ ١٩٦٠ع واري شروعات ۾ عورتن قطارن جي حساب سان مختلف محب وطن ۽ ترقي پسند جماعتن ۾ شموليت اختيار ڪئي، جن ۾ عرب نيشنلسٽ موومينٽ، بعث پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي قابل ذڪر آهن. ڪن فلسطيني عورتن پارن ۽ خاص ڪري شاگرديائين آزدن ۾ ٿيندڙ محب وطن عوامي مظاهرن ۾ پڻ حصو ورتو. عمان ۾ ١٩٥٧ع ۾ هڪ شاگرد راجا حسن ڪي بغداد معاهدي خلاف مظاهرو ڪندڙ جلسي واري مٿان فوجين گولي هلائي شهيد ڪرائي ڇڏيو.

١٩٦٥ع ۾ پي. ايل. او پنهنجي باقاعدي عورتن جي عوامي محاذ طور جنرل يونين آف فلسطين وڃمن قائم ڪئي. ان جو بنيادي مقصد عورتن کي قومي آزادي جي جنگ جي لاءِ متحرڪ ڪرڻ ۽ ٻيو مقصد عورتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حقن جي لاءِ وڙهي آهي. پي. ايل. او جي لاءِ فيصلو ڪندڙ فلسطيني نيشنل ڪائونسل ۾ ان يونين جي نمائندگي آهي. ان ڪري ئي عورتن جي ڪافي ڀرپور ڪردار رهيو آهي، مگر اڃا تائين وڏ گهراڻن جا رسم رواج فلسطيني عورتن جي سياست ۾ آزادانه شموليت ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهن. گذريل واهويلا دوران خودمختياري جي لاءِ جدوجهد ۾ گهرائي ۽ تيزي ۽ ڪنهن حد تائين سياسي ۽ اقتصادي حالتن ۾ تبديلي، عورتن جو ڪردار اڃا وڌيڪ اهم ۽ نمايان ڪري ڇڏيو آهي.

ڪجهه ڪائيندڙ تنظيمن جي اڳواڻن ۾ عورتون ايڪڙ ٻيڪڙ آهن، پر مٿين ذميدارين ۾ ته بلڪل ئي نه آهن. هنن جو زياده تر وقت، پنهنجي عورتن کي منظم ڪرڻ، انهن جي سماجي حالت کي بهتر بنائڻ ۽ صحت جي شعبي ۾ مددگار طور ڪم ڪرڻ ۾ گذرندو آهي. پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته عورتون ايندڙ فلسطيني تحريڪ ۾ اهم ۽ فيصلي ڪن ڪردار ادا ڪري سگهنديون.

اولهه واري ڪناري تي ۱۹٦۷ع کان قبضي هيٺ آيل علائقي ۾ اسرائيلي فوجي انتظاميه خلاف مزاحمت ۾ عورتن لاجواب ڪردار ادا ڪيو. مثال طور – اولهه واري ڪناري ۾ عورتن جون تنظيمون خواهه اهي جون واري جنگ کان اڳ يا قبضي دوران ٺاهيون ويون هيون، انهن تنظيمن پنهنجي قومي ثقافت ۽ سماجي

مجاهده بشاديا ابو غزل جو ڪفن هٿن ۾ هو ۽ اهي سيئي "اسين سڀ شاديه آهيون، جا نعرا هڻي رهيون هيون." [۱]

آڪٽومبر ۱۹۷۳ع ۾ فلسطيني سياسي قيدن جي سوين مٽ مائٽ عورتن نابلس شهر ۾ اسرائيلي جيلن ۾ فلسطيني قيدين سان ٿيندڙ انسانيت سوز روش خلاف مظاهرا ڪيا. فلسطيني مقبوضه علائقي، اولهائين ڪناري ۽ غزه ۾ مردن ۽ ڇوڪرن سان گڏجي خاص طور تي اسڪول جون ڇوڪريون پڻ مظاهرن ۾ ڀرپور حصو وٺنديون هيون. نابلس شهر ۾ ۲٦ مئي تي اسرائيلي فوج جي سپاهين شاگردن جي هڪ مظاهري کي منتشر ڪرڻ لاءِ طاقت جو استعمال ڪيو. مظاهري ڪانپوءِ جڏهن هڪ ننڍڙي ڇوڪري 'لينه حسن' نابلسي هڪ دوست جي گهر وڃي رهي هئي ته هڪڙي اسرائيلي فوجيءَ ان جي پٺيان پٺي سنڌن گردن ۾ گولي هڻي ان کي تمام سخت نموني زخمي ڪري وڌو.

عورتون مسلح جدوجهد ۾ پڻ حصو وٺي رهيون آهن، ان سلسلي ۾ فاطمه برناوي کي نومبر ۱۹٦۷ع ۾ اسرائيل خلاف سرگرمين ڪري گرفتار ڪيو ويو هو. ان تي الزام هيو ته هن يروشلم ۾ هڪ سينيما گهر کي بم سان اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان وقت کان

(۱) محمد اڪرم. عرب گوريلا خواتين. هفته روزه سنگت ڪوئٽه ۳۰ نومبر ۱۹۷۲ع ص ۱۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادگيءَ حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿي ويندي“.
قومي حقن خاطر جدوجهد ۾ حصو وٺندڙ عورتن ڪان سنڌن بهادري ۽ جرئت جي باري ۾ ڄڏهن ڪو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تڏهن هو وڏي خود اعتمادي واري انداز ۾ ترنم سان چونديون آهن.
- مقبوضه مادر وطن ۾،
اسانجا ساٿي رت جا ڳوڙها ڳاڙن ٿا.
دشمن اسان کي، گهرن مان ته ڪڍي سگهي ٿو، پر!
هو اسان کي جهڪائي نه ٿو سگهي-
دشمن خلاف بي پناهه محبت
اسان کي وڙهڻ جي ترغيب ڏئي ٿي
قربانين کان بي پرواهه ٿي-
اسان پنهنجي وطن کي آزاد ڪرائي وٺنداسين
جنگيون کٽي ۽ پنهنجي پختي عزم سان-
پنهنجي پختي عزم سان. (١)
فلسطيني عورت جي اها جرئت ۽ همت ۽ قومي جذبو آهي، جنهن سان سرشار هئڻ ڪري هوءَ پنهنجي مڙس ۽ اولاد جي شهادت جون افسوسناڪ خبرون ٻڌي، پنهنجي ڏک کي قوت ۽ ڪاوڙ ۾ تبديل ڪري، پنهنجي پيارن جا ڇڏيل هٿيار کڻي، سنڌن خالي ڪيل جاءِ تي وڙهڻ هليون وڃن ٿيون●

(١) محمد اڪرم- ايضا ص ٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوريا جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوريا جنهن کي زماني جي لاهن ۽ گاهن اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا جي نالي سان هڪ جسم کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي.

هي ملڪ قديم دور کان وٺي هڪ وحدت ٿي رهيو آهي. دنيا جي ٻين ڪيترن مظلوم ۽ محڪوم قومن وانگر هن پڻ غلامانه دور جا ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا آهن.

چوٿين صدي عيسوي ۾ ان کان اڳ هن ملڪ مٿان شهنشاهي راڄ هلندڙ هيو، جن مان "سي" آخري گهراڻو هئو. جنهن جي حڪمرانيءَ جي پوئين دور يعني ويهين صدي جي شروعات ۾ ١٩٠٥ع ۾ آمريڪي سامراج، جپان سان ڪوريا خلاف خفيه معاهدو ڪري هن ملڪ کي جپان جي ڪالوني ۾ ڏيئي ڇڏيو.

اهڙي ريت آمريڪا ۽ جپان جي گڏيل سازش سان ١٩١٠ع ۾ جپان ڪوريا تي مڪمل قبضو ڪري ورتو. جپان جو اهو ظالمانه راڄ ٣٥ سالن هلندو رهيو.

هر فاتح پنهنجي فتح کي برقرار رکڻ لاءِ غلام قوم جي ثقافت کي مڪمل طور نيست ۽ نابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان سلسلي ۾ سامراجي عمل جو پهريون نشانو غلام ملڪ جي ٻولي ٿيندي آهي، جيڪا مقامي ماڻهن کي پنهنجي جداگانه قومي سڃاڻپ برقرار رکڻ ۽ پنهنجو پاڻ ۾ تعاون ڪرڻ جو اولين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيلو هوندي آهي، قوم جي مختلف قسم جي گروهن ۽ طبقن کي ملائي هڪ ڪري ٿي لڙهي ۾ پوئڻ جو جيڪڏهن ڪو وسيلو هوندو آهي ته اها صرف ٻولي ٿي آهي.
اهو ئي سبب آهي جو، جنهن وقت آسٽريا، نيپلس ۽ جرمني جي فوجن اٽليءَ تي قبضو ڪيو، تڏهن هڪ سوال جي جواب مشهور اديب گئري بالڊي چيو هو "منهنجو ملڪ مون کان ويو ٺيڪ آهي. موٽي پوندو. پر رکو منهنجي زبان مونکان نه وڃي"
بالڊي جي چوڻ منجهان پڻ اهو ئي ثابت ٿئي ٿو، ته ڪنهن ملڪ جي مڪمل غلامي لاءِ اهو ضروري آهي ته ان ملڪ ۽ قوم جي زبان کي ختم ڪيو وڃي. حاڪمن جي ان مڃيل اصول تي عمل ڪندي، جپانين هن نئين ڪالونيءَ ۾ پڻ مٿيون عمل دهرايو.
ڪوريا جي ماڻهن تي پنهنجي زبان ۾ لکپڙهه ڪرڻ تي بندش وڌي ويئي ۽ کين مجبور ڪيو ويو ته هو پنهنجا نالا بدلائي جپاني نالا اختيار ڪن "انهيءَ ايڏي ساري آرهه زورائي ۽ ثقافتي فاشزم جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪوريائي عوام ۾ جپانين خلاف سخت نفرت پيدا ٿي پيئي. (۱)
اها نفرت ايتري قدر ته وڌي ويئي، جو پهرين

(۱) گلڻ. ماڙدن ماريس ڪين ڪي. مومل پبليڪيشن حيدرآباد: ڪتاب نمبر ۴- ۱۹۸۱ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪجھ، وقت سپاهين کي رنڊائي سگهجي ته جيئن مواد مڪمل طور سڙي وڃي.

حقيقت ۾ اها تحريڪ اهنسا جيّ بنياد تي هلائي ويئي هئي، پر ان کي چپانين نهايت بي درديءَ سان ڪچلي ڇڏيو - جنهن جي نتيجي ۾ هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ ست هزار ماڻهو ماريا ويا. ويهه هزار زخمي ٿيا ۽ اٺويهه هزار قيد ڪيا ويا.

مسٽر ڪم هيانگ جڪ جا تحريڪ شروع ڪئي هئي، تنهن موجب ڪوريائي ٻولي ۽ ادب جي بچاءَ ڪارڻ، هڪ تعليمي پروگرام پڻ مرتب ڪيو ويو هو. جنهن کي مسٽر ڪم هيانگ جڪ جي وفات کان پوءِ سندس زال ڪانگ بين سوڪ جاري رکيو. هوءَ تعليمي ڪم لاءِ اسڪول کي صحيح بنيادن تي، پوري ريت هلائڻ واسطي مخير ماڻهن جي گهرن ۾ چندا گڏ ڪرڻ لاءِ ويندي هئي، ان ڪانسواءِ هن انقلابي تحريڪ ۾ پڻ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ هن عورتن جي هڪ انجمن قائم ڪئي ۽ ان جي پاڻ اڳواڻ ٿي. ان تنظيمي پروگرام ۾ ڪجھ سياسي ۽ ڪجھ سماجي معاملن جي مدنظر اهو سلسلو شروع ڪيو ويو، جو جنهن عورت کي پارٽيءَ ۾ داخل ڪيو ويندو هو، تنهن جو فرضي نالو رکيو ويندو هو، انهن نالن متائڻ جي سلسلي ۾ پارٽي اڳواڻ بيان ڪيو آهي ته ”ان مان پتو پوي ٿو ته ڪوريائي عورت سان اهڙو بدترين

ڪنديون هيون جيڪو هو مختلف ثقافتي پروگرامن ڪرڻ وقت پائيندا هئا.

عورتن جي انجمن رات جي اسڪولن جو بندوبست پڻ ڪيو، جن ۾ عورتن کي ڪوريائي ٻولي سيکاري ويندي هئي ۽ ان سان گڏوگڏ کين پنهنجو پاڻ ۾ گڏ ٿي صلاح مصلحت ڪرڻ جو وقت ملندو هو. انهن اسڪولن ۾ عورتن کي سمجهايو ويندو هو ته "ڪهڙي طرح ڪوريا مان جپاني سامراجين کي ڪڍي پنهنجي ملڪ جي تعمير لاءِ ڪوشش ڪجي ۽ عورتن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙي ريت جدوجهد ڪرڻ گهرجي" (١)

عورتن جي انجمن پاران هفتيوار عوامي جلسن جو پڻ انتظام ڪيو ويندو هو. انهن عوامي جلسن ڪرائڻ جو خاص مقصد اهو ئي هيو ته "عورتن کي اونداهيءَ مان ڪڍي سجاڳيءَ واري ماحول کان واقف ڪرايو وڃي ۽ اهي عورتون جيڪي گهر جي چوديواريءَ ۾ قيد آهن ۽ جيڪي ٻين جي سوالن جا جواب ڏيندي شرمائين ٿيون، انهن کي بيدار ڪري، ان قابل بڻايو وڃي جو هو عوام سان رابتو قائم ڪري آزاديءَ واري جنگ ۾ سندن مددگار بڻجي سگهن" (٢)

انهن جلسن جي شروعاتي مرحلن ۾ ڪابه عورت اهڙي نه هئي، جا تقرير ڪري سگهي، پر مسز ڪانگ بين

(١) (٢) ايضا ص - ٩١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪم ال سنگ جي ماه) جيڪا عورتن جي انجمن جي اڳواڻ هئي، تنهن سندن همت افزائي ڪئي ۽ کين هدايت ڪئي ته ”اوهان بنا خوف جي شيني جي اڳيان دل واري ڳالهه ڇٺو، ڇو ته اسان سڀ عورتن جي انجمن جا ڪارڪن آهيون ۽ اسان پنهنجي دل جي ڳالهه بغير روڪ ٽوڪ جي هر ڪنهن کي ٻڌائي سگهون ٿيون“ (۱)

انهن جلسن ۾ جيڪي عورتون حصو وٺنديون هيون، هو انهن جي تعريف ڪندي هئي ۽ همت افزائي ڪندي، انهن کي احساس ڏياريندي هئي ته توهان تمام گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي ۽ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي.......... اهڙي ريت هوءَ عورتن جي دلين ۾ خود اعتمادي وارو جذبو اڀارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.“ (۲)

عورتن جي انجمن پاران ان ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو، جو اهي عورتون، جيڪي ڳالهائيندي به شرمائينديون هيون ۽ شرم وچان سندن منهن جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويندو هو ۽ جيڪي مشڪل سان پنهنجو نالو ٻڌائي چپ ٿي وينديون هيون يا وڌ ۾ وڌ ايترو چئي سگهنديون هيون ته ”اسان کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ گهرجن“- اهي پوءِ عوامي جلسن ۾ وڏي فصاحت

---

(۳) ايضا ص- ۹۲

(۱) ايضا ص ۹۲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ بلاغت سان تقريرون ڪرڻ لڳيون.

ڪوريا جو ماحول به سنڌ جي ماحول جهڙو ئي پٺتي پيل هيو هتان وانگر اتي به عورتن جي ان جدوجهد کي ڏسندي ڪيترائي جاگيردارانه سوچ رکندڙ ماڻهو سندن جدوجهد جي ڪلم کلا مخالفت ڪندا هئا ۽ ڪيترا عقلمند ماڻهو پڻ سندن تحريڪ جي مذاق اڏائيندي چوندا هئا ”ڇا اها انجمن توهان کي ماني ڏئي ٿي“ پر اهي انقلابي سوچ رکندڙ عورتون ڪڏهن به دل شڪست نه ٿيون. جيڪڏهن ڪا عورت سندن ڳالهيون سمجهي نه سگهندي هئي ته اهي وري وري ان وٽ وينديون هيون ۽ کيس سمجهائينديون ۽ انجمن جا مقصد بيان ڪنديون هيون، اهڙي ريت اهي ورڪر عورتون پنهنجي اڻٿڪ ڪوشش سان، عورتن جي تحريڪ کي بنهه ڏورانهن علائقن تائين به پهچائي سگهيون.

ملڪ جي آزادي ۽ عورتن جي حقن جي بحالي خاطر انهن پنهنجي جدوجهد اهڙي ريت جاري رکي، جو نه ته کين کاڌي جي پرواهه هوندي هئي ۽ نه سٺي لباس جو شوق! ڏينهن رات آرام ڪرڻ کانسواءِ ڪم ڪنديون رهنديون هيون.

عورتن جي انجمن جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڪامريڊ ڪم ال سنگ پڻ شموليت ڪئي ۽ ان ۾ تقرير ڪندي، هن چيو ”ڪوريائي عورتن جي غلاميءَ مان پوري ريت نجات ڏيارڻ لاءِ ۽ غاصبانه تصرف ۽ ظلم ۽ استبداد

ڪان بچائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪوريا مان جپاني سامراجين کي ٻاهر ڪڍيو وڃي ۽ وطن عزيز جو تشخص بحال ڪيو وڃي“.(١)

اهڙي ريت جپانين ١٩٢٠ع کان ١٩٣٠ع تائين واري دور ۾ پنهنجي جارحيت کي بحال رکڻ لاءِ هٽي حد ڪري ڇڏيو. هنن ڪوريا جي عوام مٿان پنهنجو فسطائي تسلط ۽ دٻاءُ ايتري قدر ته وجهي ڇڏيو هو، جو عوام جي لاءِ قانون جي دائري ۾ رهندي، ڪنهن به قسم جي جد و جهد ڪرڻ لاءِ ڪا به گنجائش باقي ڪانه هئي. جپانين جي ڪينو (Kanto) فوج جنهن جي قيام جو مقصد ئي گوريلن کي ڪچلڻ هو، تنهنجو تعداد ١٩٣٠ع ۽ ١٩٤٠ع جي وچ واري دور ۾ ڏهن لکن تائين پهچي چڪو هو.(٢)

سدا آيا سنڌ ۾ نوان نادر شاهه،
ڪانهي ڪا تاريخ ۾ ويڙهه سوا ٻي واهه،
مٿان سوچيو ساهه، مٿان موڙو ماڳ تان.

اهڙي ريت ٻڌ تر واري ۽ پريشان ڪن ماحول ۾ جڏهن ڪوريا جو عوام موت ۽ زندگي جي رستي تي حيران، پريشان بيٺو هو، ان وقت ۾ ڪامريڊ ڪمال

---

(١) ايضاً ص- ٩٤.

(٢) ادارو، مسلح جد و جهد، لاهور: نيشنل پبلشنگ هائوس، ١٩ع ص ١٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگ جپانَ جي خلاف مسلح جدوجهد جي تنظيم ڪاري ڪئي. هن ۵- مئي ۱۹۳۶ع تي (ARF Association for the Restoration of the Fatherland (بحاليءَ وطن ايسوسيئشن) نالـي هڪ انجمن جپانَ خـلاف پهريون قومي متحده محاذ قائم ڪيو. هن محاذ جو جيڪو ڏهه نڪاتي پروگرام جاري ڪيو ويو، تنهن ۾ هڪ اهو به نڪتو هو ته "عورتن جي سماجي حيثيت کي ترقي ڏيڻ ۽ انهن جو احترام ۽ عزت جو تحفظ ڪرڻ هو". (۱)

اهڙي ريت ڪم ال سنگ جي اڳواڻيءَ ۾ وطن دوست ماڻهن، جپان دشمن گوريلا فوج جي قيام ۽ عوام سان رابطي جي استحڪام ۽ مضبوطي وارو عمل جاري رکيو ۽ ڪوريائي عوام کي منظم ڪري محنت ڪش مزدورن ۽ هارين جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تي مشتمل آزاديءَ جا سپاهي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

اها ڪوريائي عوام جي عظيم جد و جهد ئي هئي، جو ٻي عالمگير جنگ ۾ جپانَ جي سامراج کي شڪست آئي. جپانَ جي ٻن شهرن مٿان ائٽم بم ڦٽي، سندس طاقت کي تباهه ڪيو ويو. جپانَ جي ان ڪمزوريءَ سبب

(۱) حڪيم، محمد سعيد، ڪوريا ڪهاڻي" ڪراچي: همدرد فائونڊيشن ۱۹۸۳ع ص- ۱۰۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوريائي انقلابين کي آزاديءَ جي اميدن پرڻي سچ جا روشن ڪرڻا نظر اچڻ لڳا.

ٻي جنگ عظيم جي پڄاڻيءَ تي آمريڪي سامراج ننڍين قومن کي غلامي هيٺ رکڻ لاءِ، نت نئين نموني جا دوکا ۽ فريب، جهل ۽ مڪر، هٿڪنڊن ۽ سنگهر ڪٽي ميدان عمل ۾ آيو. ڪوريائي عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد، جا پنهنجي منزل مقصود تي پهچڻ واري هئي، ان جي باري ۾ پڻ دنيا جي بدلجندڙ حالتن سبب آمريڪا سامراج پنهنجي مڪارانه پاليسيءَ ۾ تبديلي آندي. سامراجين جي هن سرواڻ ”سامراجي مفادن جي مد نظر نئين چال کيڏندي، ”سيول“ ۾ هڪ وڏو فوجي اڏو قائم ڪري ورتو ۽ ”سنگهمني“ جيڪو آمريڪا ۾ رهندو هو، تنهن کي گهرائي، ڪوريا جي ڏاکڻي حصي جو هٿ ٺوڪيو حاڪم بڻايو ويو“ (۱) آمريڪا سامراج ۽ ان جا چاڙتا گهڻو وقت پنهنجي ظلم ۽ جبر کي بحال نه رکي سگهيا ۽ کين قومي آزادي واري جنگ ۾ مڪمل شڪست اچڻ تي هئي، جو هنن اها نئين چال هلي. هن صدين کان هڪ قوم کي ٻن حصن اتر ۽ ڏکڻ ۾ ورهائي ڇڏيو. اهڙي ريت ڪوريا دنيا جي نقشي تي ’سامراجي دلال ڪوريا‘ ۽ ’آزاد سوشلسٽ ڪوريا‘

---

(۱) ڳلڻ، ماڙين ماريس ڪينڪي“. مومل پبليڪيشن مهرآباد: ڪتاب نمبر ۴، ۱۹۸۱ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت ۾ وجود ۾ آيل آهي.

ڪوريائي عوام جي هڪ جسم جي هن ٻن حصن ۾، وقت گذرڻ سان پنهنجو پاڻ ۾ اتحاد پيدا ڪري، متحده ٿي رهڻ جا رجحان وڌي رهيا آهن، اهو وقت پري ناهي، جڏهن آمريڪي سامراج ۽ سندس ڏيهي دلالن کي ان حصي منجهان پڻ ٽپڙ ويڙهڻا پوندا.

آزاد سوشلسٽ ڪوريا ۾ اڄ عورت جي نوڪري ڪرڻ، محنت مزدوري ڪرڻ تي ڪائي پابندي ڪانهي. اڄ هوءَ مڪمل طور آزاديءَ سان ملڪي معاملن جي هر شعبي ۾ بهرو وٺي سگهي ٿي. ڪوبه ڪين روڪ ٽوڪ ڪرڻ وارو ڪونهي. ڪوبه مدي خارج لاڙو کين اڳتي وڌڻ واري عمل کان روڪي نه ٿو سگهي ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳنڍي ٻسائو جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يورپي سامراج ۱۹ صديءَ ڌاري اولهه آفريڪا جي علائقن کي قبضي هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. يورپي ملڪن مان آفريڪا جي الهندي ڪناري کي ويجهي ۾ ويجهو ملڪ پرتگال ئي آهي. جنهن کي گني بساؤ جهڙي ننڍڙي بيٽ کي رياستي راڄ هيٺان رکڻ لاءِ ۱۸۸۰ع کان ۱۹۱۵ع جي وچ ۾ يارهن لڙايون وڙهڻيون پيون ۽ رياست قائم ٿيڻ ڪانپوءِ به ۱۹۳۶ع تائين بغاوتون جاري رهيون. ايستائين جو ۱۹۳۴ع ۾ سنڌن قومي اڳواڻ ڪئرال جي قيادت ۾ قومي تحريڪ شروع ٿي. تنهن هٿي پورچوگيزن جي چيلهه چٻي ڪري وڌي. (۱)

اولهه آفريڪ ۾ جڏهن مستقل بيٽڪي ڪالونيون ٺاهڻ جي شروعات ڪئي ويئي، تڏهن ڌاري ۱۸۷۹ع گني بساؤ واري علائقي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. جنهن حصي تي فرانسيسي قابض هئا، تنهن کي فرانسيسي گني چيو ويو ۽ جنهن علائقي تي پرتگال قابض ٿي ويا، اهو پرتگيزي گني سڏجڻ لڳو. پراهي ٻئي رياستون اڳتي هلي ٻي مهاڀاري لڙائي جي نتيجي ۾ فرانس جي قبضي ٿيڻ ڪانپوءِ، پرتگيزن جي هٿ هيٺ هڪ ئي

---

(۱) رنگريز، غلام حسين. گني بساؤ جي تحريڪ آزادي
ٿئين سنڌ پبلڪيشن ڪراچي: ڪتاب نمبر ۴،
مئي ۱۹۷۵ع ص - ۱۲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ٿي ته ”اسان عورتن ڪهڙيون نه مصيبتون برداشت ڪيون آهن. اڳ اها عورت هئي جا تلائن ۾ پاڻي ڳڏ ڪندي هئي، اها عورت ٿي هئي جا ڇيون ماريندي هئي، اها عورت ٿي هئي جا مردن لاءِ ڪاڏو تيار ڪندي هئي ۽ پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن مرد پنهنجي زال کي چوندو هو ”تون ته ڪاڏو بلڪل خراب تيار ڪيو آهي“ ايترو ڪم ڪرڻ جي باوجود ڪيس گهٽ وڌ چوندو هو. اهي ۽ اهڙي قسم جون ڳالهيون ۽ اهڙي نموني جا فرق ٿي هئا، جيڪي اسان برداشت ڪيا ۽ اڄاڻ تائين ڪنهن حد تائين برداشت ڪري رهيون آهيون.“

۽ ”اسانجي زندگي نهايت اڙانگي آهي، جيڪڏهن مرد جا ڪپڙا ميرا آهن ته اهي عورت کي ئي ڌوئڻا پون ٿا. جاڪاڻ ته جيڪڏهن مرد گوٺ ۾ ميرا ڪپڙا پائي گهمندو ته ماڻهو چترون ڪندا ۽ الزام ڪنهن کي ڏنو ويندو؟ ........ جيستائين مردن جو تعلق آهي، اهي چا ٿا ڪن، هو رڳو ٻنين کي هر ڏيندا آهن. هڪ ڀيرو جڏهن ساريون سايون ٿيڻ شروع ٿينديون آهن ته پوءِ باقي سڀجي ذميواري عورتن تي ايندي آهي. مان توهان کي اهو ٻڌائي رهي آهيان ته ڪهڙي ريت سڀ عورتون مصيبتون برداشت ڪنديون آهن.“ (١)

---

(١) بحواله ”عورت اور جدوجهد آزادي“ ص - ١٧

آزاد علائقن ۾ ڪيترن سالن تائين عورتن جي تعليم تربيت ۽ ترغيب ڏيارڻ سان گڏوگڏ ڪين انقلابي ڍانچو مهيا ڪرڻ ڪانپوءِ وچين عورتن آزاديءَ وارو اصل مفهوم سمجهيو.

"ڊي. اي. آءِ. جي. سيءَ" جي اڳواڻن ڪي آزاديءَ کان پوءِ عورتن جون سياسي تحريڪون شروعات کان نئين نموني هلائيون پيون، ته جيئن انقلاب سموري آباديءَ تائين پهچايو وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ آزاد علائقن سان تعلق رکندڙن جي جدوجهد کي پڻ جاري رکي سگهجي. آزاديءَ کان جلد پوءِ انقلابي عمل کي جاري رکڻ لاءِ عورتن جي باقاعدي تنظيم ٺاهي ويئي. ان تنظيم جي اڳواڻي عورتن جي ذمه رکني ڪميٽيءَ جي حوالي هئي، جيڪي سڀ جو سڀ پارٽيءَ جون وڏڙهو ڪارڪن هيون ۽ مسلح جدوجهد ۾ حصو وٺڻ لاءِ هر وقت تيار هيون.

نيويارڪ سان نڪرندڙ ماهوار رسالي جي ايڊيٽر سيفينه اردانگ لکيو ته، "مون ان ڪميٽيءَ جي سيني کان ننڍي عمر واري ميمبر "ساتوجاسي"، سان گڏ گوٺن جو دورو ڪيو، اتي هن ڪيترن عام جلسن کي خطاب ڪيو ۽ سڀني علائقي ۾ قائم ڪيل، عورتن جي ريجنل ۽ سيڪٽر ڪميشن سان اڳتي جي طريقه ڪار تي ڳالهيون ٻولهيون ڪيون:

"ساتو" هڪ ڳوٺڙي ۾ پيدا ٿي هئي، هن ٻارهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي، پيءُ چوندو آهي تہ ڪيئن ٻين ڪن وڏيڪ اهم
ڳالهين جي باري ۾ سوچڻو آهي. اسان ڪي انهن جبري
شادين جي باري ۾ خبر آهي، جيڪي ڇوڪرين کي لاچار
ڪرڻيون پونديون آهن - پيءُ، ڏيءَ جي شادي، پنهنجي
مرضيءَ سان، اڪري ڪندو آهي، تہ ان مان ڪهڙو فائدو
ٿيندو آهي، جيڪڏهن ماءُ يا ڏيءُ چونديل مرد مان
خوش ناهن تہ اهي ان لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿيون ڪري
سگهن.“

آزاديءَ واري جنگ ڪانپوءِ وارن حالتن جو ذڪر
ڪندي چوي ٿي: ”اڄ ڪلهہ حالتون نهايت اوکيون
آهن، جنگ ۾ تمام گهڻن مردن جي مرڻ وڃڻ ڪري
مڙس ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر جيئن تہ مردن جي
ٿورائي آهي، تہ انجو اهو مطلب هرگز ڪونهي تہ مرد
پنهنجي عورتن سان جيئن وڻين تيئن ڪن! هرگز نہ، اسين
ان نموني سان مردن جو ظلم هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ
برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون، ان بجاءِ اسين مردن
ڪانسواءِ بہ رهي سگهون ٿيون.“ (١)

”ساتو“ مسلح جدوجهد ۾ حصو نہ ورتو هو. هوءَ
پنهنجي ڪتب سان ”ڪياسائيتن“ علائقي ۾ رهندي
هئي. اهو ڳوٺ آزاد علائقي جي وچ ۾ هيو ۽ ان
تي پرتگالن جو قبضو هو. هنن انجي چوڌاري ڪنڊن
واريون تارون هنيون هيون. پرتگالي فوج ان ڳوٺ

(١) بحوالہ ”عورت اور جدوجهد آزادي“ - ص- ٩١

ڪي چاوٽي طور استعمال ڪندي هئي، انڪري ان تي "پي. اي. آء. جي. سي"، جي نظرياتي ۽ سياسي تعليم ۽ تربيت جو سنئون سڌو اثر نہ پئي ٿي سگهيو.

هڪ ٻي سجاڳ عورت "مريم ڪامرا" عورت جي ڪردار جي باري ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪندي چوي ٿي "پرتگالي سامراجين اسان مٿان ظلم ڪيو........ عورتن توڙي مردن تي! هنن اسان کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ خاص ڪري عورتن لاءِ تہ اهو تمام ڏکيو وقت هو. پرتگالي اسانجي مردن تي ظلم ڪندا هئا ۽ مرد انهن ڪاوڙ عورتن تي لاهيندا هئا- اهڙي ريت اسان تي ٻٽو ظلم ٿيندو هو."

ٽئين دنيا جي ٻين غلام ملڪن وانگر غلاميءَ واري ماحول ۾ گهاريندڙ گني بساؤ جي عورتن کي مردن جي حاڪمانہ برتريءَ واري رويي کان شڪايت هئي. جنهن جو انهن هيٺين لفظن ۾ اظهار ڪيو. "اسين پنهنجي مردن کان خوفزدهہ آهيون اسان جي مردن جو عورتن جي باري ۾ اهو خيال پئي رهيو آهي تہ عورتن کي عام جلسن ۾ انڪري نہ ڳالهائڻ گهرجي، جو اهي حالتن ۽ واقعن کي پوري ريت نہ ٿيون سمجهن! پر ائين هرگز ڪونهي، اسان جي دعويٰ آهي تہ اسين حالتن جي پوري ريت سمجهہ رکون ٿيون. اسين بي وقوف ڪونہ آهيون، اسين ڪمتر ڪونہ آهيون. مرد سمجهن ٿا تہ اسان کي خبر ڪانہ ٿي پوي تنهنڪري جلسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڳالهه جو تصور به نه پئي ڪري سگهياسون ته هڪ ڏينهن مان پنهنجي ڳوٺ جي ڪائونسل جي نائب صدر چونڊجي وينديس، اڳ اهي سڀ ڪم مردن لاءِ هوندا هئا، انڪري مان ان لاءِ ڪيئن پئي سوچي سگهيس ته اهو ڪم مونکي به ڪرڻو پوندو“

”عورتن جي زندگي هاڻ نهايت بهتر ٿي ويئي آهي. اڳ پارن جي پالنا ڇوڪري ۽ ڇوڪري واري فرق سان ڪئي ويندي هئي هاڻ حالتون جداگانه آهن ڇو ته هاڻ پارٽي چوي ٿي: ته ”سڀ برابر آهن ۽ اسين اهو سمجهون ٿا ته هڪ ڇوڪرو هاڻ ڇوڪريءَ وارا ۽ هڪ ڇوڪري، ڇوڪري وارا ڪم ڪري سگهي ٿي. ٻين لفظن ۾ هر هڪ، هڪ ٻئي جو ڪم ڪري سگهي ٿو“.

”اڳ مرد ۽ عورت گڏ ڪم نه ڪري سگهندا هئا. مردن جي ذهن ۾ اهو خيال هيو ته عورتن کي مردن لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. هاڻ ائين ڪونهي، هاڻ عورت ۽ مرد گڏ ڪم ڪن ٿا“ (۱)

رڳو سياسي تربيت تيستائين ڪارگر نه ٿيندي، جيستائين جو، ان پويان ڪو اهڙو انقلابي ڍانچو تعمير نه ڪيو وڃي، جيڪو عورتن کي آزادي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري، عورتن جي تنظيم ۽ ان سان گڏوگڏ رياست ۽ پارٽيءَ جا ٻيا شعبا يا ته اهڙيءَ ترقي جا

(۱) ايضاً ص ۲۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيل مان نڪرڻ ڪانپوءِ انهن مردن (جي عورت سان ناانصافيءَ جي ڏوهہ ۾ جيل وڃن ٿا) جي نمائندگيءَ ختم ڪرڻ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي جوابداري آهي. مٿين ڪمن منجهان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ آزاد ماحول ۾ ”پ.ي. اي. آهہ. جي. سي“ عورتن جي آزاديءَ لاءِ کھڙي نہ سنجيدگيءَ سان ڪوششون ڪري سگهي ٿي ۽ اها حقيقت ۾ عورتن جي آزاديءَ کي ڳنڍي بساؤ جي مسلسل انقلاب جو بنيادي جزو سمجهي ٿي، اها ڏي سڃاڻپي واري حقيقي واٽ آهي ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويٽنام جي عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٽ نام جنهن جي غيور عوام، پوري صدي آزاديءَ جي جنگ وڙهي، آخرڪار قوم کي مڪمل آزادي ڏياري آزاديءَ جي جنگ دوران غاصبن هن ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. اهڙي ريت ملڪ ڪيتري وقت تائين اتر ۽ ڏکڻ ويٽنام جي نالي سان سڏبو رهيو. پر ملڪ جي آزاديءَ تان سر گهور ڪندڙ انسانن هڪ حصي تي قابض بڻجي، خاموشي اختيار نه ڪئي. هو مڪمل آزاديءَ خاطر وڙهندا رهيا. آمريڪا جهڙي راڪاس ملڪ سان مهاڏو اٽڪائيندڙ هن قوم جي ان طويل جدوجهد ۾ مردن سان گڏوگڏ سندن مائرون، ڀينرون ۽ زالون پڻ پوري ريت شريڪ هيون.

آزاديءَ جي جنگ کي زندگي جي هر شعبي ۾ پکيڙڻ خاطر سگهڙن، زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر معاملي لاءِ ڪيترائي اهڙا ٽوٽڪا ۽ چوڻيون، لوليون ۽ لوڪ داستان مرتب ڪيا، جن جي ٻڌڻ سان نوجوانن جون دليون آزاديءَ واري راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ آڌ مان ڏيڻ لڳنديون هيون. ويٽنامي ڇوڪري جا ٻهبار جهازن جي پرن جي چانوري ۾ وڏي ٿيندي هئي. جنهن کي گولين جي گونج ۾ ئي لاڙن ايندڙيون هيون ۽ گرينيڊن جي گوڙ ۾ پيار ڇٽيندي هئي. سارائيفل جي مئگزين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گوليون پرينديون، ٻار کي ڪير پياريندي هئي، تنهن پنهنجي جگر جي ٽڪر خاطر لولي به اهڙي تيار ڪئي هئي.

”سهي رهه منهنجا ننڍڙا سهڻا پٽ!
سهي رهه منهنجي اکڙن جا نور!
منهنجي دل جا ٺار، اکيون بند ڪري سهي رهه،
تنهنجي ملڪ اڃان آزاديءَ جو منهن نه ڏٺو آهي،
تنهنڪري تون اکيون ٻوٽي سمهي رهه،
تو کي وڏي هوندي ڏاڍا اوجاڳا ڪرڻا آهن،
۽ پنهنجي ملڪ جو سهاڳ واپس وٺڻو آهي،
تنهنڪري هينئر ننڊون ڪري وٺ منهنجا لال!“(۱)

عام طرح سان هر ماءُ اولاد سان بي پناهه محبت ڪندي آهي. سندس خواهش هر طرح سان اولاد کي خوش ڏسڻ هوندي آهي. ڪابه عورت نه چاهيندي آهي ته سندس اولاد کي ڪو ڪوسو واءُ لڳي پر جنهن به ماءُ، آزادي ۽ غلاميءَ واري فرق کي سمجهي ورتو، اها هڪ ته ڇا پر هزارين جگر جا ٽڪر ۽ جهوليءَ جا سينگار قربان ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندي. اهڙو ئي حال ويٽنام جي عورت جو هو. غلاميءَ واري ماحول منجهان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ واري رمز کي سمجهڻ ڪري، ”ويٽنام جو مائرون

(۱) پليجو، رسول بخش ”هو چئي منهن“ حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر-۱۹۷۶ع ص ۱۶

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين ملڪ مٿان ڌارين جو قبضو هوندو ۽ پنهنجا ملڪي وسيلا پنهنجي هٿ ۾ هوندا، ان وقت تائين اهڙيون سموريون سوچون ڪو ڪلي ذهني عياشي ڪرڻ ۽ اهڙن خوابن واري دنيا ۾ رهڻ جي برابر آهن، جن جن جي ڪڏهن به تڪميل ٿيڻي ئي ناهي. اهو ئي سبب آهي جو ويٽ نام جي جنگ آزاديءَ دوران اٽليءَ جي هڪ مشهور اخبار جي نامه نگار خاتون، آتر ويٽنام جو دورو ڪري ڪانپوءِ، پنهنجا تاثرات بيان ڪندي لکيو هو ته ”ان سرزمين ۾ حسن، عشق ۽ محبت جو نالو خواب بڻجي چڪو آهي، اتي جون عورتون رڳو وطن جي آزاديءَ ۽ وطن جو ڇوڪارو گهرن ٿيون ۽ اهو ئي انهن جو عشق آهي“ (١)

ويٽ نام جون اهي بهادر عورتون جن دشمن خلاف زندگيءَ جي هر شعبي ۾ انقلابين جو ساٿ ڏنو. تن پنهنجي ڪاروائين ڪي ايترو ته وسيع ڪيو جو سرڪار جو نڪ ۾ دم ٿي ويو. انهن انقلابي عورتن ۾ ڪامريڊ هوچي منهه جي ڀيڻ پڻ شامل هئي، جنهن ڪي اهڙين خوفناڪ ڪاروائين سبب، هڪ ڀيري ڌارين جي ڏلال جج ڪيس جي ڪاروائي دوران ڪاوڙ ۾ اچي چيو ”جڏهن ڀيون زالون پيٽ سان ٿينديون آهن ته سنڌن پيٽ مان ٻار ڄمندا آهن، پر تون اهڙي رهزن

(١) ايضا - ص - ٨

آهين جو، جي تون پيٽ سان ٽينديءَ ته تنهنجي پيٽ مان پار ٻدران خوفناڪ هٿيار نڪرندا" (۱) هن عظيم عورت سڄي زندگي شادي نه ڪئي، سڄي گهر ۽ ٻهتر رهڻي ڪرڻي جي تمنا نه ڪئي، هن پنهنجي جوڀن واري جواني قومي جنگ خاطر وقف ڪري ڇڏي هئي، هن پنهنجو پاڻ کي ڌاريـن قوتن خلاف ڪم ۾ ايترو ته مصروف ڪري ڇڏيو هيو، جو سرڪار هر وقت سندس چوڪسي ڪرڻ تي مجبور ٿي پيئي هئي. اهڙين حالتن ۾ ڪنهن مرد کي جرئت ئي نه ٿيي جو ان بهادر ڇوڪريءَ سان پلئه اٽڪائي سگهي، ڪامريڊ هوچي منهه لکيو آهي "هر هند منهنجي ڀيڻ جي بهادري ۽ حب الوطنيءَ جي هاڪ هوندي هئي، پر ڪنهن به پڙهيل ڳڙهيل نوجوان کي همت نه ٿي، جو منهنجي ڀيڻ جو سڱ گهري. ڇو ته منهنجي ڀيڻ اسان شادي ڪرڻ جي معنيٰ هئي موت کي دعوت ڏيڻ يا گهٽ ۾ گهٽ نوڪري وڃائڻ ۽ گذر تان هٿ کڻڻ" (۲) اهڙيون انقلابي عورتون، جڏهن گرفتار ٿينديون هيون، تڏهن پهريان کين مختلف قسمن جون لالچون ڏنيون وينديون هيون. جيئن اهي تنظيمي راز ظاهر ڪري

---

(۱) پليجو، رسول بخش. هوچي منهه. حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر. ۱۹۷۴ع ص - ۲۵

(۲) ايضاً ص - ۲٦

وجهن ۾ جڏهن اهڙين ڳالهين منجهان ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪرندو هو، تڏهن ڪين نهايت بيدرديءَ سان لنگڪ ڪانداريندڙ سزائون ڏنيون وينديون هيون. سندن پيرن جي آڱرين ۽ ڪنن جي پاپڙين تي بجليءَ جون تارون رکي يا سندن اگهاڙي جسم منجهان بجليءَ جي تار گذاري ويندي هئي. پچڪارين جي ذريعي سندن ناسن ۾ صابڻ جو ڳارو وڌو ويندو هو. ايتري قدر جو انهيءَ عمل سان هڪ عورت جي نڪ منجهان رت اچي ويو. سندن ننهن ۾ سئيون چڀائيون وينديون هيون. اهو عمل وقت بوقت ورجايو ويندو هو جنهن سان هو بي هوش ٿي وينديون هيون.

انقلابي ڪاروائين ۾ حصو وٺندڙ هڪ ڇوڪري "نگوين ٿي چائو" کي جڏهن گرفتار ڪيو ويو، تڏهن پهرياڻ ته فوجي درندن ڪيس لتن ۽ مڪن جي ڏاڍي مار ڏني. تنهن بعد کيس گهلينداڻ عذاب ڏيندڙ ڪوٺيءَ ڏانهن وٺي ويا. جتي ان کي هڪ بينچ سان ٻڌي سندس وات ۾ لوهه جو هڪ ٽڪرو کيس ڏندن ۾ ڦاسايو ويو ته جيئن هوءَ وات بند نه ڪري سگهي. تنهن ڪانپوءِ صابڻ جو ڳار سندس وات ۾ وجهڻ شروع ڪيائون. اهڙي ريت جڏهن پاڻيءَ جي پوڻ ڪري هن جو پيٽ ڦوڪجي ويو ۽ پاڻي سندس نڙيءَ مان اڇلا ڏيئي نڪرڻ لڳو. تڏهن هي وحشي انسان سندس پيٽ تي چڙهي ويٺا، جنهن ڪري پاڻي سندس نڪ ۽

جيلن ۾ ڪيترين عورتن کي بار ڄڻندا هئا، جڏهن قيد ٿيل عورت جو پنهنجو ٻي رت سڪل هيو ته سندس ٿڻن ۾ کير ڪٿان اچي، جو نئون ڄاول قيدي ٻار پئي. کير پيئڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي اهڙا ٻارڙا تڙپي تڙپي مري ويندا هئا. اهڙين تڪليفن ۽ عذابن، اتان جي عورت ۾ وڌيڪ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو، جنهن جو اندازو هيٺين ڳالهه منجهان لڳائي سگهجي ٿو ”ته اتر جي سادا ڏسي لک فوج ۾ ٦٠ سيڪڙو عورتون هيون.“

اهڙين تڪليفن جي پرواهه نه ڪندي ويٽ نام جي عورتن آزاديءَ واري جنگ ۾ هر محاذ تي ڀرپور حصو ورتو. ويٽ نامي عورت پوءِ اها ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي هجي يا زمين جي پورهيي ۾ هٿ ونڊائيندڙ هجي، نوڪري ڪندي هجي يا تعليم پرائيندي هجي، پر وطن جي ويرين سان وڙهندڙ جنگ لاءِ هر وقت تيار رهندي هئي.

ويٽنامي جنگ جي دوران ويٽنامي عورتن هر هنڌ عورتن کي متاثر ڪيو ”ميڊيم نگوين ٿي بنهه“ جنهن سرڪاري طور تي ڏکڻ ويٽنام جي عارضي حڪومت جي عالمي سطح تي نمائندگي ڪئي ۽ جنرل ”نونگوين ٿي ڊنهه“ آمريڪي سامراج جي پيادل فوج کي ڏکڻ ويٽنام ۾ شڪست ڏيندڙ رهنمائن منجهان هڪ آهي ۽ اهي عورتون ان سامراج جون نمائندگي ڪندڙ بنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جذبہ حريت جا لازوال مثال ملن ٿا. اِن دستاويزي ڪتاب منجهان عورتن جي همت ۽ اِستقلال بابت ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

آمريڪي سپاهي، سندن جارحيت خلاف جدوجهد ڪندڙ ”مسٽر ڪيم“ کي جڏهن گرفتار نہ ڪري سگهيا، تڏهن انهن سندس زال ۽ معصوم نياڻيءَ کي گرفتار ڪري، کيس ڪلاڪن تائين عذاب ڏيندا رهيا. پر هن پنهنجي مڙس بابت ڪائي معلومات نہ ڏني تہ هو ڪاٿي آهي. انهن پاڻيءَ سان ڀريل هڪ وڏو ڊرم آندو ۽ سندس ننڍڙي معصوم نينگريءَ، جيڪا پنجن سالن جي هئي، تنهن کي ان ڊرم ۾ وڌو، معصوم نينگري پوري ريت پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويئي. پوءِ انهن ڊرم کي ٻاهران ڪُٽڻ شروع ڪيو. پاڻيءَ جي دٻاءَ سبب نينگريءَ جي اکين، ڪنن، وات ۽ نڪ منجهان رت وهڻ لڳو... ”مادام ٿي“ کي اهو سڀ ڪجهہ ڏسڻ تي مجبور ڪيو ويو.“ (١)

اِن رپورٽ ۾ ”فنگ“ نالي هڪ ٻي عورت جو داستان هن ريت بيان ڪيو ويو آهي. ”سيڪيورٽي ايجنٽ، پنهنجو ڏنڊو ۽ ربڙ جو هنٽر ان عورت جي شرمگاهہ ۾ زور سان ڪافي اندر وڌو ۽ ان ڪارروائي

---

(١) برٽرينڊرسل. ”ويٽ نام مين جنگي جرائم“. مترجم مبارڪ حيدر. لاهور: نگارشات، ١٩٦٨ع ص ١٩٨

ڪيس ۾ ڪيترن بهادر ساٿين سان گڏ عذاب ڏيئي ختم ڪيو ويو.“ (٣)

آمريڪي اشاري تي ٢٦ آڪٽوبر ١٩٥٦ع تي ”بائو دائي“ کي ڪاٽا ڪري ويٽ نام کي اتر ۽ ڏکڻ ڪالي سان ۾ ورهائي ”آمريڪي ڊئم“ ڏکڻ واري حصي کي جمهوري ويٽ نام ظاهر ڪري، پاڻ ان جو صدر ٿي ويٺو. ”ڊئم“ جي اختيار ڪيل آئين، فوج ۽ ٻين پاليسين، ويٽ نام کي هميشه لاءِ ٻن حصن ۾ ورهائي هلائڻ جو ڏس ٿي ڏنو. اتر ويٽ نام ان تي سخت احتجاج ڪيو. ”ڊئم“ جي صدر ٿيڻ ڪانپوءِ هوچي منهه آمريڪي سامراج جي ان مڪارانه نئين حڪمت عمليءَ خلاف سخت بيان ڏيڻ شروع ڪري ڏنا. ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ واري ان نئين صورتحال محب وطن انقلابين لاءِ وڏيڪ پريشان ڪن حالتون پيدا ڪيون، جاڪاڻ ته ان ورهاست سبب جن عورتن جا مڙس اتر ويٽنام ۾ رهجي ويا هئا، تن کي طلاق وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

جولاءِ ١٩٥٩ع ڪانپوءِ ڏکڻ ويٽ نام جو عوام وڏي جوش جذبي سان ميدان عمل ۾ آيو. ان جدوجهد جو مقصد هيو ته ”ملڪ جي ٻيهر اتحاد خاطر عام

---

(٣) سومرو، محمد عظيم. ”ويٽ نام ۽ ويٽ نامي انقلاب.“ حيدرآباد: عظمت ادبي اڪيڊمي. ١٩٨٧ع ص ٢٨١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊيون ڪرايون وڃن. ريفريڊم تي بندش وڌي وڃي ۽ عوام جي روز مره زندگي بهتر بڻائي وڃي ۽ کين جمهوري آزاديون ڏنيون وڃن.

ان عوامي اپار کي ختم ڪرڻ لاءِ ڊئيم انتظاميه سخت قدم کڻڻ جون تياريون شروع ڪيون پئي ويون. جو ۲٦ اپريل ۱۹٦۰ع ۾ مختلف پارٽين جي سرڪرده رهنمائن هڪ اعلان نامي رستي ڊئيم سرڪار کي آگاهه ڪيو ته جيڪڏهن هو ظلمن کان باز نه آيو ته انقلاب ايندو ۽ عام بغاوت ٿيندي. ڊئيم پنهنجي ڪرتن ڪارنامن کان باز آيو. نتيجي طور عوامي بغاوت جي شروعات ٿي ويئي. ان جدوجهد دوران ۲۰ ڊسمبر ۱۹٦۰ع تي ڏکڻ ويٽنام جو قومي آزادي جو فرنٽ ٺهيو، جنهن جو مرڪزي نقطو آمريڪي سامراجيت ۽ ان جي پٺوءَ کان آزادي وٺي. پر امن نموني وارو هڪ آزاد ويٽنام ناهڻ هيو، هن فرنٽ ۾ اهي سڀ تنظيمون ۽ ڪميٽيون شامل هيون جيڪي ۱۹۵۴ع تائين قانوني يا غير قانوني هيون. جهڙوڪ ”انتظامي ۽ بچاءُ ڪميٽيون“، ”امن بچاءُ ڪميٽي“، ”قومي مڪتي جي ڪلچرل انجمن“، ”رڪاوٽي ڪرستان انجمن“، ”قومي مڪتي جي ٻڌ انجمن“، ”ممتا لاءِ ويڙهو انجمن“، ”پوڙها ويڙهو“ ۽ ”پرمسرت موت“ وغيره. ان کانسواءِ جنيوا ٺاهه کانپوءِ ٺهيل ڪجهه لوڪل تنظيمون به انهيءَ فرنٽ ۾ شامل ٿيون جهڙوڪ ”ويٽنامي پورهيت پارٽي“ (ورڪرز پارٽي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پيءُ پيومي فرنٽ“، ”نوجوان مزدور“، ”ڏرمي پنڻن جي انجمن“، ”ڏرتي پنڻن جو اتحاد“ ۽ ٻيون مسلح تنظيمون مطلب تہ سامراج کان نجات ۽ آزاديءَ جي شديد تمنا ڪانسواءِ سيني جا نظريا مختلف هئا“. (۱) ان گڏيل فرنٽ پنهنجي ڊار فوج پڻ ٺاهي، جنهن کي ويٽ ڪانگ چيو ويندو هو.

فرنٽ طرفان هلايل جدوجهد جي نتيجي ۾ ۱۹۶۱ع ۾ ڊئيم سرڪار جا ۶۰ هزار فوجي قومي جذبي تحت آمريڪا جي ڪٺپتلي حڪومت کي ڇڏي، ويٽ ڪانگن سان شامل ٿي ويا. ويٽ ڪانگن جي مسلسل جدوجهد سان ۱۹۶۵ع تائين ڏکڻ ويٽ نام جو ۸۰ سيڪڙو آزاد ٿي ويو ۽ ان عمل ۾ ڏکڻ وارن سان اتر وارن هر طرف جو سهڪار ڪيو پئي. ان ڪاميابيءَ ڪانپوءِ آمريڪا ويتر وڌيڪ ڇتو ٿي پيو ۽ ڏکڻ سان گڏوگڏ اتر ويٽنام تي اندا ڌند بمباريءَ جو اڻکٽ سلسلو شروع ڪري ڏنائين.

۱۹۶۶ع جي شروعات تائين ويٽ نامين فوجي جدوجهد سان گڏوگڏ سياسي جدوجهد کي پڻ تيز تر ڪري ڇڏيو ۽ ڏکڻ جي هر شهر ۾ آمريڪن خلاف نعرا بلند ٿيڻ لڳا. انهن سياسي ۽ فوجي سوبن ڏکڻ

---

(۱) سومرو، ”عظيم ويٽنام ۽ ويٽ نامي انقلاب“ حيدرآباد: عظمت ادبي اڪيڊمي ۱۹۸۷ ص ۲۳۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٽنام وارن کي جا اخلاقي مدد مهيا ڪئي، تنهن جي اثر هيٺ ٦ جون ١٩٦٩ع تي قومي آزاديءَ واري فرنٽ ڏکڻ جي سيني امن پسند ۽ وطن دوست تنظيمن سان گڏجي ”عبوري انقلابي حڪومت جو اعلان ڪيو.

ويٽنامي عورتن جي تمام گهڻي ترقي ڪرڻ ۽ بهادريءَ سان دشمن سان مهاڏو اٽڪائڻ واري عمل ۾ هڪ مخصوص حالتن جو ميلاپ هيو. اهو انقلابي تنظيمن ۽ اڳواڻن جي اٿل سياسي جذبي ويٽ نام ورڪرز پارٽي (جيڪا پوءِ ڪميونسٽ پارٽي سڏجڻ لڳي) ۽ صدر هوچي منهه جي شخصيت ۾ عورتن جو آزاديءَ بابت پختو يقين، عورتن جو پنهنجو اتحاد ۽ تنظيم، عورتن جو پيداوار ۾ وڏي چڙهي حصو وٺڻ ۽ قومي آزادي جي ڊگهي جنگ ۾ سياسي ۽ فوجي ڪارناما سرانجام ڏيڻ واري راز ۾ سمايل آهي.

جڏهن ”ڪوانگ تري“ ڏکڻ ويٽنام جي ڏور ڏکڻ وارو صوبو، مئي ١٩٧٢ع ۾ آزاد ڪرايو ويو ته ”ڪوانگتري“ ۾ عورتن جي انجمن جي صدر ان واقعي جي اهميت بابت ڳالهائيندي ظاهر ڪيو ته ”اها دشمن کي پنهنجي سرزمين کان ٻاهر ڌڪڻ ۽ اسانجي وطن کي ”بن هائي“ درياهه کي ورهائڻ واري سندس منصوبي جو هميشه هميشه لاءِ خاتمو ڪرڻ واري خواب جي تڪميل هئي. ان ڪاميابيءَ واري ڏينهن مائهن درياهه تي هڪ ڪتبو لڳايو ته ”ڏکڻ ۽ اتر جو پاڻ ۾ خوني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشتو آهي"۔ ويتنامي عوام جي ان پنهنجائپ واري نعري ۾ ڪيڏي نه سچائي نظر اچي ٿي ۽ اهو ئي نعرو سندن حقيقي زندگيءَ جو عڪس هيو.

آمريڪي سامراج طرفان ويتنام کي ورهائڻ ۽ جنيوا معاهدي جي عمل ۾ اچڻ ڪري، جيڪي عورتون اتر طرف ويون هيون، سي ان اميد ۾ ته ٻن سالن کانپوءِ اهي پنهنجي خاندان وارن سان ٻيهر گڏجي وينديون، ١٩٥٤ع ۾ "سائيگان" ۾ ئي پنهنجا ٻار ڇڏي ويون هيون. تن کي پنهنجي اولاد سان ملڻ لاءِ ويهن ورهن کان به وڌيڪ انتظار ڪرڻو پيو- "سائيگان" جي آزاديءَ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ ئي ڏاڪڻيان ماڻهو، جيڪي اتر ۾ رهندا هئا، تن پنهنجي گهرن ڏانهن واپس موٽڻ شروع ڪري ڏنو. اهڙي نموني جا مختلف اشتهار مقامي اخبارن ۽ نوٽس بوردن تي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا.

ويٽ نام اندر ويتنامي ورڪرز پارٽي طرفان پکيڙيل سياسي تعليم ئي ملڪ جي ٻيهر اتحاد واري ڪم کي عملي روپ وٺرائڻ جو سبب بڻي. جنگ دوران هر خاندان جا ڪجهه ماڻهو ٻئي طرف رهجي ويا هئا. ڏکڻ وارن عورتن جي انجمن هر سطح تي پنهنجون ميٽنگون، عوامي ميٽنگيون ۽ مباحثن لاءِ ننڍا ننڍا گروپ منظم ڪيا. تقريباً ٻه هزار مختلف پروگرام ڪيا ويا، جن ۾ عورتن کي، ٻيهر ملڪي اتحاد، انقلابي تبديلين ۽ سوشلزم جا انهن تي پوندڙ اثر سمجهايا ويا.

راھ ۽ مشوري تي مڪمل انحصار ڪرڻ لڳيون. اترئين حصي ۾ جتي تقريبا ھر بالغ عورت يونين جي ميمبر ھئي اتي جي انقلابي فوج ۾ عورتن جو ٥٠ سيڪڙو ھيو، ان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ڏاکڻي حصي واري يونين پڻ جلدي جلدي نوان ميمبر ڪرڻ شروع ڪيا.

ان ڪانفرنس ۾ عورتن جي يونين جي لاءِ ڇهه ڪم جلد ڪرائڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو.

١- پيداواري تعلقات کي مڪمل طور تي سوشلسٽ پيداواري تعلقات ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ عورتن جي هڪ ڀرپور تحريڪ هلائڻ لاءِ ”ان بنياد تي عورتن جي انقلابي شعور ۽ معاشري ۾ سندن درجو بلند ڪرڻ، ته جيئن عورتن ۽ مردن ۾ برابري قائم ٿي سگهي ۽ عورتن کي اقتصادي ۽ پيداواري انتظام ۾ گڏيل حاڪميت جو حق ڏياري سگهجي.

٢- سڄي دنيا جي عورتن ۾ امن، آزادي، جمهوريت سماجي ترقي، عورتن ۽ ٻارن جي حقن جي جدوجهد ۾ انهن سان دوستي ۽ استحڪام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

٣- سوشلسٽ عورتن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ته جيئن اهي سماجي طور تي پنهنجي ذات جون خود حاڪم بڻجي سگهن- جمهوريت مساوات، هم آهنگي، ترقي ۽ خوشحالي جي بنياد تي نوان ثقافتي خاندان تعمير ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤- عورتن واري يونين جي تنظيم کي وڌائڻ جي لاءِ، ڪارڪنن جي تربيت ڪرڻ، انقلاب جي لاءِ نون تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ يونين اندر قيادت جي طريقن کي بهتر بڻائڻ.

٥- پارٽي ۽ عورتن کي خود پنهنجي قوت تي ڀاڙڻ واري اصول تي عمل ڪرڻ لاءِ انهن کي گڏ ڪرڻ، منظم ڪرڻ ۽ انهن جي تعليم جو بندوبست ڪرڻ.

ڊسمبر ۾ ويٽ نام ورڪرز پارٽي جي چوٿين ڪانگريس هڪڙي سياسي رپورٽ منظور ڪئي، جنهن ۾ عورتن جي ڪاميابين ۽ عورتن تي ظلم خلاف جدوجهد کي جاري رکڻ واري ضرورت تي زور ڏنو ويو ته ”عورتن خلاف، معاشري ۾ ۽ ڪجهه پارٽي ڪارڪنن ۾ جاگيردارانه تعصب جو خاتمو ٿيڻ گهرجي“ ان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ”عورتن جي ثقافتي سطح، سائنسي علم ٽيڪنيڪي علم ۽ پيشورانه صلاحيتن کي لازمي طور بلند ڪرڻ گهرجي. وڌيڪ ڪارڪن عورتن کي تربيت ڏني وڃي ۽ قيادت ۽ انتظاميه ۾ عورتن کي شامل ڪرڻ واري ڳالهه کي مستحڪم ڪرڻ گهرجي“

پيهر متحد ٿيندڙ نئين ”عورتن واري يونين“، ڪانگريس پارٽي ۽ عورتن جي ڪانفرنس ۾ طئه ڪيل ڪمن کي پورو ڪرڻ ۾ خاطر خواهه واڌارو ڪيو. هوچي منهه شهر ۾ مثالي نمونئي طور ”عورتن جي يونين“ عورتن جي پنهي تنظيمن جي گڏ ٿيڻ کي خوش آمديد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ هڪڙو اهو طريقو اختيار ڪيو، جو عورتن جي ملڪي اقتصاديات جي تعمير ۾ شموليت جي حوصلي افزائي ڪرڻ جي لاءِ، پنهي تنظيمن جي ميمبرن وچ ۾ گهڻو ڪم ڪرڻ سان هڪ پٺي برتري حاصل ڪرڻ جي تحريڪ هلائي.

عورتن جي انجمن، ڏکڻ ۾ آمريڪي سامراج جي زمين کي تباهه ڪرڻ ۽ زبردستيءَ شهر ڏاهڻ واري پاليسي سبب پيدا ٿيندڙ بي روزگاريءَ جي تمام گمڀير مسئلن ۾ ڦاٿل هئي، پر پوءِ به اها عورتن جي ڳوٺن ڏانهن واپس وڃڻ ۾ انهن جي حوصلي افزائيءَ لاءِ سندن ڏوس امداد ڪندي هئي. يونين، بيمارين جي بچاءَ لاءِ پڻ مهم هلائڻ شروع ڪئي. گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نالين جي بندوبست تي زور ڏيڻ، ماڻهن کي بيت الخلا ڏاهڻ سيکارڻ، ندين کي گندگيءَ کان صاف ڪرڻ، وبا کان بچڻ جا ٽڪا لڳرائڻ، ويم گهر قائم ڪرڻ، صحت جي حفاظت جا مرڪز ۽ اسپتالون ڏاهڻ جي حوصلي افزائي ڪئي ويئي هئي. هي آهي بنيادي ڪم هئا، جيڪي ماڻهن جي بقا لاءِ تمام ضروري هئا.

نئين قومي اسيمبليءَ جي چونڊن کان اڳ عورتن جي يونين پوري ملڪ ۾ عورتن جا ميڙ ڪوٺايا. جن ۾ هر اميدوار جي چڱائين ۽ ووٽ جي اهميت تي بحث مباحثو ڪيو ويو.

هوچي منهه شهر جي هڪ ميٽنگ ۾ سگريٽ صنعت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ متحرڪ ٽريڊ يونين جي هڪ ڪارڪن جي چوڻ موجب ”اسانکي پنهنجي عام چوندن تي فخر آهي، ڇاڪاڻ جو اڳ آمريڪا جي پٺو حڪومت دو ڪي واري اليڪشن ڪرائيندي هئي، جنهن ۾ سندن حقيقي مقصد عهدن جي خريد و فروخت ڪرڻ هوندو هو. انڪري اهڙي اليڪشن ۾ جيڪي ماڻهو چوندبا هئا، سي عوام جا نمائندا ڪونه هوندا هئا، پر اهي نشي وارين دوائن جا سمگلر، سرمايه دارن جاگماشتا، جنگ بازن، آمريڪي ايجنٽن ۽ ملڪ جي غدارن جا نمائندا هوندا هئا“.

هڪ صفائي ڪندڙ عورت جيڪا خود قومي اسيمبليءَ جي اميدوار هئي، تنهن جي بيان موجب ”....آمريڪي سامراج جي ڪٺپتلي حڪومت تحت گهٽين جي صفائي ڪندڙ ڀينگين کي سڀ کان وڌيڪ نفرت لائق سمجهيو ويندو هو.......“

هن بيان ڪيو ته ”هاڻ اسان کي حقير نٿو سمجهيو وڃي. هاڻ اسين پنهنجي سماج ۽ ملڪ جا حاڪم آهيون. هر ڪو شهري جيڪو پنهنجا فرض پورا ڪري ٿو ۽ جنهن کي پنهنجي هم وطنين جو اعتماد حاصل هجي ۽ جنهن کي عوامي تنظيمون اليڪشن لاءِ بيهارين، قومي اسيمبليءَ لاءِ بيهي سگهي ٿو.“

ان اليڪشن ۾ اندازن ۱۳۲ ويمنر يونين جا نمائنده عورتون قومي اسيمبليءَ جون ميمبر مقرر ٿيون ۽... اهو قومي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبليءَ جي سيني چونڊيل ميمبرن جي تعداد جو ٽيهه سيڪڙو پڻ ٿيو. انهن ۾ نسلي اقليتن کي ارڙهن جي نمائندگي حاصل هئي. پنجيتاليهه سياسي ڪارڪن، اٺ عوامي فوج جا سپاهي، ايڪيهه مزدور، اڪيتاليهه هاري، ٻاويهه دانشور، چار هنرمند دستڪار، ٽيويهه، عورتن واري يونين جا ڪارڪن، هڪ پادري عورت، ٻارهن مزدور يا فوجي هيرو شامل هئا. ستٽيهه ميمبر، پنجويهن سالن کان گهٽ عمر وارا هئا. شروع شروع ۾ قومي اسيمبليءَ پندرهن عورتن کي نئين حڪومت ۾ وزير طور يا نائب وزير جي ڪم ڪرڻ لاءِ چونڊيو. عورتن کي ڪي صوبي، ضلع ۽ ڳوٺ جي سطح تي حڪومتي ڪونسلن ۾ تقريباً اڌ نمائندگي ڏني ويئي. ان دور ۾ ”عورتن واري يونين“ معاشري منجهان عورتن خلاف جاگيردارانه مائٽين وارن تعصبن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ”نون ثقافتي خاندانن واري تحريڪ“ شروع ڪئي. عورتن واري يونين جي هڪ اڳواڻ ”ڪيرول پراگ“ (جيڪا فيبروري ۾ ”آمريڪن فرينڊز سروس ڪميشن“ جي وفد جي هڪ ميمبر طور ويٽنام ويئي هئي) جي چوڻ موجب اها تحريڪ سندن ڪم جي صحيح عڪاسي ڪري پئي. ان جو مقصد ”نئي سوشلسٽ خاندان“ جي تعمير ڪرڻ، جنهن ۾ عورت ۽ مرد ٻارڙن ۽ ماءُ پيءُ وچ ۾ مڪمل جمهوريت ۽ مساوات پيدا ٿئي. تنظيم ان ڳالهه تي زور ڏيندي پئي رهي ته گهر جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس هلائي سگهجي ٿو . هڪڙو مرد نه پر عورتن جي يونين سمورن پوئتي پيل مردن خلاف جدوجهد جي ذميوار آهي، اها خانداني تضادن ۾ مداخلت ڪري ۽ مرد کي جاگيردارانه طريقي ڪار ڇڏڻ تي آماده ڪرڻ جي لاءِ گڏيل اثر استعمال ڪندي آهي.

انقلابي ويٽ نام ۾ طلاق جا مقدما شايد جاگيردارانه نظام خلاف ڊراماڻي جدوجهد ثابت ٿين، جيئن عورتن جي يونين جي طاقت جو اظهار آهي ۽ گڏوگڏ عورتن جي آزاديءَ ۾ پختو يقين رکندڙ قانوني نظام ۾ عورتن کي حاصل ٿيندڙ فائدا پڻ اهو ئي ظاهر ڪن ٿا. طلاق ڏياريندڙ عدالتن جا سمورا آفيسر عورتن واري يونين جا ميمبر آهن. انهن سڀني ڪارروائيءَ جو مقصد عورتن ۽ ٻارن جو ظالم مڙس پيءُ خلاف دفاع ۽ اهڙي مڙس کي پنهنجي جاگيردارانه ۽ حاڪمانه رويي تبديل ڪرڻ جي اهميت سيکارڻ هوندو آهي.

آئين جيڪو هاڻ سڄي ويٽ نام سان لاڳو آهي. تنهن ۾ لکيل آهي ته "................ هڪ جهڙي ڪم لاءِ عورت کي هڪ جهڙي پگهار ملڻ گهرجي. سياسي اقتصادي، ثقافتي، ۽ خانداني، نقطي نظر سان، عورتن جا حق مردن جي برابر آهن، رياست نوڪريءَ وارين عورتن ۽ انهن ڪم ڪندڙ عورتن کي ٻار ڄڻ ۽ پيدائش کان اڳ ۽ پوءِ ويم جي موڪل واري پگهار جي ضمانت ڏئي ٿي......"

ويٽ نامي عوام کي هڪ تمام وڏو ڪم ڏيا.
نئين سر تعمير جو ڪم هاڻ ڪرڻو آهي. پر جڏهن
ته هاڻ اتي امن آهي. قيمتي وسيلا جيڪي پهريان
دفاع تي خرچ ٿيندا هئا، هاڻ پيداواري ذريعا، اسڪول،
اسپتال ٻارن جي سنڀال وارا ڏينهن جا مرڪز قائم
ڪرڻ لاءِ زياده وسيع بنياد مهيا ڪري سگهن ٿا.
جنهن سان انهن آئيني ضمانتن تي عمل ڪرائڻ سولو
ٿيندو ۽ اهڙو ويٽ نامي عورت کي پنهنجي مڪمل
آزاديءَ جي تمام ويجهو آڻيندو ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليو گرافي

## سنڌي


١ — آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، (ڀاڱو ٻيو) ڪراچي: مصنف، ١٩٤٧ع
٢ — آريسر، عبدالواحد. ”سر ۽ سانجهي وير“ حيدرآباد رني ڪوٽ ڪتاب گهر ١٩٨١ع
٣ — ايملڪار ڪئبرال، قومي آزادي. مترجم آزاد بلوچ. ڪراچي: ڏاهپ پبليڪيشن ١٩٨٤ع
٤ — اُتم، ”نئون چين“. بمبئي: ڪينرت پاپاڻي، ١٩٥٣ع
٥ — پليجو، رسول بخش. جيڪي بنگال سان ٿيو، حيدرآباد: سنڌي عوامي ڪتاب گهر، ١٩٧٣ع
٦ — پليجو، رسول بخش. ”هوچي منهه“. حيدرآباد: عوامي ڪتاب گهر ١٩٧٤ع
٧ — جويو، محمد ابراهيم. ”عورتا زاد“. حيدرآباد: فرينڊس سرڪل ١٩٨٢ع
٨ — جويو، تاج. دنيا جون جون عظيم انقلابي عورتون سڪرنڊ: مارئي اشاعت گهر ١٩٨٢ع
٩ — رنگريز، غلام حسين. ”گني بساؤ جي تحريڪ آزادي“ نئين سنڌ پبليڪشن ڪراچي ڪتاب نمبر ٤ مئي ١٩٧٥ع
١٠— زرداري، محمد لائق ڊاڪٽر. ”تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو“ مورو: محمد بن قاسم نئين سنڌي لئبريري. ١٩٨٣ع
١١— سومرو، عظيم. ويٽ نام ۾ ويٽ نامي انقلاب.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد : عظمت اڪيڊمي ١٩٨٧ع
١٢– سيد، جي - ايم جنب گذاريم جن سين) ياڱو ٻيو)
حيدرآباد : سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع
١٣– گلڻ، ”مارڻين ماريس ڪين ڪي“ مومل پبليڪيشن
حيدرآباد : ڪتاب نمبر ٤ ١٩٨٢ع
١٤– منير احمد، هوچي منهه چونڊ لکڻيون، حيدرآباد :
قومي ڪتاب گهر ١٩٧٣ع
١٥– ناصر، ا - س. زمبوي جي جدوجهد آزادي. وطن
دوست پبليڪيشن حيدرآباد اپريل ١٩٧٨ع
١٦– هلال رپورٽ. روزانا هلال پاڪستان ڪراچي :
١٦ جنوري ١٩٨٤ع
١٧– هرواڻي، حشمت. پاڪستان ڪالهه ۽ اڄ.
احمد آباد : سنڌو پبليڪيشن ١٩٧٣ع

## اردو

١ – اميمه زمان. عورت اور جدوجهد آزادي، لاهور :
پنجاب ادبي مرڪز ١٩٧٧ع
٢ – السٽيئر هورن، امن کي وحشيانه جنگ، تلخيص
طاهر اسدي. ماهانه اردو ڈائيجسٽ ڪراچي
سالنامو ١٩٨٠ع
٣ – اداريه. مادر انقلاب. اسلام آباد : دور جديد پبلشنگ
هائوس ١٩٧٠ع
٤ – اداريه. مصلح جنگ لاهور: نيشنل پبلشنگ هائوس ؟
٥ – بدر شيڪب. گوريلا جنگ، ڪراچي : عثمانيه
اڪيڊمي، ١٩٦٥ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦ — برٽيڊرسل - ويٽ نام مين جنگي جرائم مترجم مبارڪ حيدر، لاهور: نگارشات ١٩٦٨ع
٧ — حڪيم سعيد. ڪوريا ڪهاڻي. ڪراچي: همدرد فائونڊيشن ١٩٨٣ع
٨ — خشونت سنگهه، اچهي لوگ. لاهور: مڪتبه شعروادب ؟
٩ — ڪلپنا دت. چٽ گائون ڪي انقلابي مترجم رضيه سجاد ظهير لاهور: مڪتبه جاويد، ١٩٧٦ع
١٠— سلامت الله. "نيا چين" دهلي: انڊين لٽريچر سوسائٽي ١٩٥١ع
١١— سالڪ صديق "مين ني ڈاڪا ڈوبتي ديکها" لاهور: قومي پبلشرز ١٩٨١ع
١٢— شامي مجيب الرحمان، هوچي منهه "روشني ڪي ديوار" لاهور: ميري لئبريري ١٩٦٩ع
١٣— قمر واحد ڊاڪٽر "سندهي عورت صديون ڪي آئيني مين" جنگ مڊويڪ ڪراچي: ١٨ جنوري ١٩٨٤ع
١٤— محمد اڪرم "عرب گوريلا خواتين". هفته روزه سنگت ڪوئٽه ٣٠ نومبر ١٩٧٢ع

انگريزي

1: Gujra, Bulder, T. "Sindhis then and Now" Delhi Sindhi Darshan 18 oct 1983.
2: Sarfaraz Hussain Mirza, "Muslim Women's Role in the Pakistan, The Pakistan Move- -ment." Lahore, Research Society of Pakistan Uneversity Panjab. 1969.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد قاضي

عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب

روشني

هن سماج ۾ عورت شخصي طرح غلام آهي. هڪ فرد انفرادي طرح ان وقت غلام ٿيندو آهي، جڏهن سندس انسان واري حيثيت مال ۽ وکري واري شيءِ جي ٿي وڃي، هن وقت سنڌي عورت انسان نه پر وکري جي جنس آهي، جنهن جي باقاعده خريد وفروخت ٿئي ٿي. جهڙي ريت غلامي واري دور ۾ آقا ٻانهيءَ کي کاڌو ۽ ڪپڙو ڏيندو هو ۽ انجي عيوض اها ٻانهي پنهنجي محنت ۽ جسم سميت آقا جي ملڪيت بنجي ويندي هئي. ساڳي حالت سنڌي عورت جي آهي.

عبدالواحد آريسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانئُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو بہِ ڪُـوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهن سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَن پَن جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book